الله سُبحانه وتعالىٰ وٽ مقبول دين (صرف) اسلام آهي اسلام کان سواءِ ڪو به جيڪڏهن ٻيو ڪو دين ڌرم چاهيندو يا پيش ڪندو ته اهو قبول نه ڪيو ويندو. (قرآن مجيد مفهوم)

ڪتاب لاجواب

# سنڌ سُونهاري

سنڌ چاهُئي ۽ ان کي ڇا بڻايو پيو وڃي؟

سنڌي ادب جو بي مثال شاهڪار.

تصنيف

حضرت مولانا پير محمّد ابراهيم جان خليل سرهندي

ناشر

محمد صالح راهو- گلزار خليل- سامارو ضلع ٿرپارڪر- سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| انتساب | ٣ |
| ڪافر چو | ٤ |
| زبان | ٦ |
| سبب تاليف | ٩ |
| علم يا اياڳ | ١٢ |
| علم جو سڳ | ١٦ |
| سنڌ جي سوڪڙي | ١٨ |
| جي ايهڙي جو اڳيون جوڻ | ١٨ |
| مثال پيو ڏاهه ڏوهه ۽ تخريب ڪاري | ٢٢ |
| مثال ٿيون ايمان جي گهور | ٢٤ |
| باب پيون راڪاس.... | ٣٠ |
| ثابتي | ٣٤ |
| مثال ٿي ابتو | ٣٧ |
| هڪ پيو نسورو ناحق | ٣٩ |
| ٻه منهي بلا | ٤٤ |
| آهي ڪو انصاف ڪرڻ وارو | ٤٤ |
| هڪ التماس | ٤٦ |
| نالو ۽ ذات | ٤٩ |
| هڪ نيڪ صلاح | ٥١ |
| مرون جو ماس | ٥٢ |
| لساني ونفيت | ٥٦ |
| حيرت انگيز | ٥٨ |
| باندر زادا ۽ لنگور پوٽا | ٦٥ |
| هر دلعزيز هيمون | ٧١ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
ڊجيٽائيز: ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| عنوان | صفحه |
|---|---|
| وحدت الوجود جو مسئلو واڳڻ جي وات ۾ | ٧٤ |
| فراڊ ۽ ٺوڪي بازي | ٧٧ |
| هڪ مثال | ٧٨ |
| هيءُ وري ٿي | ٧٩ |
| مون | ٨٠ |
| جيجل ڪير | ٨٤ |
| هو ۽ هي | ٨٧ |
| هڪ پيشنگوئي | ٩٣ |
| ڪيڏو نه فرق | ٩٦ |
| دشمن ڪير | ١٠٠ |
| رنڊ روڪ | ١٠٤ |
| هي ڏسو چڱمڙسي | ١٠٧ |
| هڪ حيرت انگيز انڪشاف | ١١١ |
| تيز لهجو | ١١٣ |
| ڪوڄنا | ١١٤ |
| سر ويچ يا سنڌ ويچ | ١١٨ |
| محسن ڪش | ١٢١ |
| راڄا ڏاهر صاحب | ١٢٣ |
| ڪافر گر | ١٢٦ |
| لفظ عظيم | ١٢٨ |
| غدار سنڌ | ١٣١ |
| اي برخوردار | ١٣٢ |
| زمينون | ١٣٦ |
| نوڪريون | ١٣٨ |
| واپار | ١٤٢ |
| دوزخ جو پٽ | ١٥١ |
| ۽ ڦ مراتب چو | ١٥٧ |
| مسئله ارتقا | ١٦١ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| لانگ اگو | ١٦٢ |
| عيد ماچياٺي | ١٦٣ |
| وجود باري تعاليٰ | ١٦٨ |
| تخليق ۽ تڪوين | ١٦٩ |
| حرڪت | ١٧٢ |
| نظام ربوبيت | ١٧٥ |
| حيرت انگيز | ١٨٠ |
| ذخيره اندوزي | ١٨٢ |
| سچا خواب | ١٨٥ |
| هڪ مثال | ١٨٦ |
| شاهديون | ١٨٨ |
| انسان | ١٩٤ |
| ڊيزائنون | ٢٠٤ |
| دوائون | ٢٠٨ |
| موسمون | ٢١٠ |
| ٻہ جنسون | ٢١٣ |
| حسن ۽ جمال | ٢١٥ |
| عقل ۽ سمجهہ | ٢١٧ |
| نبوت ۽ مذهب | ٢١٨ |
| مذهب ۽ نبي جي اچڻ جو ڪهڙو ضرور هو | ٢١٨ |
| قرآن پاڪ | ٢٢١ |
| قرآن ۽ ويهين صدي عيسوي | ٢٢٦ |
| معجزا | ٢٣١ |
| صورت ۽ سيرت | ٢٣٤ |
| فتحون | ٢٤٦ |
| علم | ٢٤٨ |
| اسلام | ٢٥٣ |
| مناجات بدرگاه قاضي الحاجات | ٢٦٤ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله العلي العظيم والتحية و الثناء لمن لا شريک له في الذات و لا في الصفات و هو الحکيم الکريم القديم و الصلواة والسلام علي من هو بالمؤمنين رؤف رحيم و ذاته نور و روح و ريحان لکل قلب سليم و علي آله و اصحابه و اولياءُ امته الذين فازوا منه بحظ جسيم و اوصلوا انفسهم بمحبته و متابعته الي مقام کريم و جنات النعيم. اما بعد

# ڪافر ڇو

(١) نماز، روزه، حج، زڪوات جو ترڪ گناه ۽ انهن جي فرضيت کان انڪار ڪفر آهي، جي. ايم شيد پنهنجي رسوائي عالم ڪتاب ———— ۾ دين جي انهن چئني ٿنين جي فرضيت کان مسلسل انڪار ڪندو ۽ انهن کي مسلسل دؤر جاهليت جا يادگار ۽ فرسوده رسمون لکندو ويو آهي.

(٢) قرآن پاڪ جي هڪ آيت جي به ڪلام الاهي هئڻ کان انڪار ڪفر آهي جي، ايم سچي قرآن جو منڪر آهي هو بار بار قرآن پاڪ کي پراڻن مذهبن مان گڏ ڪيل ناڪاره مواد ۽ قديم قومن جي رسمن رواجن ۽ توهم پرستين جو واهيات مجموعو لکندو ويو آهي ۽ هنڌ هنڌ اهو تاثر ڏني رهيو آهي ته قرآن خدا وند تعالي جو موڪليل نه پر پيغمبر پاڪ جو هٿرادو ۽ جڙتو ٿاهيل ڪتاب آهي.

(٣) اسلام جو سارو دارومدار آخرت تي آهي. آخرت ۽ اخروي زندگي تي ايمان آڻڻ اسلام ۽ آخروي زندگي (قيامت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوزخ، بهشت) کان انڪار ڪفر آهي جي. ايم شيد نہ فقط انڪار پر قيامت، دوزخ، بهشت تي ٺوڪون چٺرون ۽ ٺٺوليون ڪندي پنهنجي ڪتاب ڪي توڙ پڇايو آهي.

(۴) حضور سرور ڪائنات سردار شافع دو جهان ﷺ جي رسول ۽ معبوث من الله هئڻ کان انڪار ڪفر آهي. جي. ايم پنهنجي انهي ڪتاب ۾ سندن رسالت ۽ بعثت ۽ سندن الله جي طرفان موڪليل هئڻ کان مسلسل انڪار ڪندو رهيو آهي.

(۵) الله ۽ رسول ۽ پاڪ دين جي حڪمن تي آخري درجہ جو ۽ ڪامل يقين رکڻ ايمان ۽ انهن ۾ ذرو بہ شڪ آڻڻ ڪفر آهي جي. ايم شيد پنهنجي انهي ڪتاب جي شروعات ئي انهي اقرار سان ڪئي آهي تہ اسلام جي عمارت جيڪا منهنجي ذهن ۾ اڏيل هئي تنهن ۾ اول شڪ جا ڏار پيا پوءِ ڍهي پٽ پئي گويا پاڻ باسي ٿو تہ اول مسلمان هئس هاڻي مسلمان ناهيان بلڪ منڪر اسلام ۽ ڪافر.

(٦) پيون ڪل خبرون خير هو اگرچہ سڌي طرح سان وجود باري تعاليٰ يعني الله جي هئڻ کان انڪار جي جرئت نہ ڪري سگهيو آهي پر هو چوي ٿو تہ دنيا قانون ارتقا مطابق پاڻهي ٺهي خدا نہ ٺاهي دنيا جو انتظام ازخود پيو هلي دنيا کي هلائيندڙ ۽ سنڀاليندڙ رب جي ذات ناهي جيڪڏهن دنيا (ڪائنات) جو پيدا ڪندڙ ۽ ٺاهيندڙ ۽ سنڀاليندڙ ۽ هلائيندڙ الله ناهي تہ پوءِ آخر الله ڇا آهي؟ انڪار کي سنگ تيندا آهن ڇا؟ الله جي مالڪ ۽ خالق هئڻ کان انڪار اهو سندس وجود ۽ سندس هئڻ کان انڪار ناهي تہ پيو ڇا آهي؟ ۽ الله کان انڪار ڪفر ناهي تہ پوءِ ڪفر ڇا کي ٿو چئجي؟

(۷) جيڪو ڪتاب لکيو ويو ئي آهي اسلام جي رد ۽ ڪفر جي حمايت لاءِ انهي جي لکندڙ لاءِ ڪافر کان سواءِ پيو ڪو اکر هجي تہ کڻي ڪو ٻڌائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائينڊڙ شيءِ خود موجود هئي. هاڻي ته شڪ جو سوال ئي ڪونه هو هندو ڌرم جي قانون مطابق شريمتيءَ جو روح يقينا انهي ڪتي ۾ واسو ڪري چڪو هو چنانچه هندو صاحب پنهنجي مبينه محترمه ماءُ کي گهر وٺي آيو ۽ ڪملا ديوي (زال) کي حڪم ڪيائين ته هيءَ امڙ لڪشمي آهي هن جي خوب خدمت ۽ ادب ڪجان تيونڻ روٽي پهرين هن کي نوش جان ڪرائي پوءِ پين پاتين کي اچا (۱) ڪجان.

فرمانبردار زال چيلهه ٻڌي سس جون چاڪريون شروع ڪري ڏنيون ڪتي مهوڙ تي وٺي هڪڙي ڏينهن واٽيون گهر اچي ڏسي ته گهر جي اڱڻ ۾ سنڌس چوپيري ماءُ جو ڳوٺ جي هڪڙي ڪتي سان معاملو اخذ و عطا جو شروع آهي ۽ ٻئي افزائش نسل لاءِ قانون فطرت جي عين مطابق عملي ڪوشش ۾ همه تن مصروف آهن ۽ هڪ ٻي مان جلب لذات جي لذيذ عمل ۾ پوري اطمينان ۽ آرام سان محو ۽ منهمڪ سيٺ صاحب کي سندس مزعومه ماءُ جي اها حرامزائي واري حرڪت بيحد ڏکي لڳي. ڪيڏانهن سيٺ صاحب جو شان ڪيڏانهن ڳوٺ جو هڪ خسيس ڪتو جو سندس ماءُ جو مڙس ۽ چاچي چوائڻ جو مستحق بڻجي چڪو هو. ڪتي ترقي پسند اديبه ۽ ڪميونسٽ خيالات جي هئي جن جي لغت ۾ شرم حيا ۽ غيرت جو اکر عنقا آهي هن کي اهو ڪوبه احساس ڪونه هو ته انهيءَ حرڪت سان پٽ جي منهن تي لينگها ڪيئي رهي آهيان ۽ پٽ جي نڪ، چپ جو بغير ڪلورو فارم سونگهائڻ جي پوسٽ مارٽم ڪري رهي آهيان. ڪي به اخلاقي پابنديون جناب جي. ايم وانگر هن جي نظر ۾ دقيا نوسي خيالات ۽ وحشيانه دور جون نا معقول نشانيون ۽ محض توهم پرستيون هيون سا پٽ جا نڪ چپ مان شان ننگ ۽ غيرتون پنهنجي نفس پروري وارن لذيذ لمحن تان بي تحاشا نثار ڪري رهي هئي. الحاصل ته سيٺ صاحب تمام گهڻون

---

(۱) آچ يا پيشڪش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ڪجهون ڏينهن ٿيندي ويو تي لهڻ وقت سوڙها ٿيرا ڏئي لهنديون آهن تيئن هي همراه به حيدرآباد جا هر هر چڪر ڪاٽڻ لڳو.

وسن ۽ وهسن ڍهاٽي ڏسڻ لئي،
جان جان پرين پسن، تان نشا نينهن جا.
وسن ۽ وهسن(١) ڍهاٽي ڏسڻ لئي،
ڏسي ڏسي آئيون ته به تلاشون ڪن،
ڏاپيو نه ڏاپن، منجهان اُپسڻ پرين جي.
(شاه)

هو ٻيلا مٿايو سو هاٽي ڪٽي تو رهيو. سگهي روز روز سندرو پڏيو ور ڪٽيو بيٺو هوندو هو سن ڪان ڪوٽڙي ڪان حيدرآباد، حيدرآباد اسٽيشن ڪان ساڍا ٽي آنا ٽانگو ٽڪ هيرآباد. سن ۾ سندس ترسڻ واريون ساعتون انگهيو سالن جيڏيون ٿيو تي پيون گهر ۾ ٽڪڻ واريون گهڙيون ورهن ڪان وڏيون ٿي لڳيون.

فراق دوست اگر اندک ست اندک نيست،
درون ديده اگر نيم موست بسيار ست.

---

(١) وسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### باب ٻيون

# راڪاس

آه صد آه ايهي سندس الوليون ٻاتي سال مس هليون ته پارٽيشن جا وحشتناڪ ورڊ ۽ پاڪستان جا المناڪ اڪر سندس ڪنن کي چوڪون ڏيڻ ۽ چچرڻ لڳا ڪونجڙين اڏامڻ جا پهه پڪا ڪيا هرڻين جي ولرن ۾ تاه پئجي ويو.

اڄ پڻ وايون ڪن وڻجارا (١) وڃڻ جون،
هلڻ هـارا سپريـن رڌـان تـان نه رهـن،
آئون جهلينديي ڪيترو آيـل سامونـڊيـن،
پڳهه ڇـوڙي جـن وڏا بـيـڙا ٻـار ۾.

ڏيوان ۽ هنن جو ديوانيون ديوانڙيون پنهنجو سامان سميٽڻ لڳا. سون رپا زر زيور، زريون، زربفت بيش بها ويس ۽ وڳا ڪي ميناڪاري ڪي مطلا، تانونقا ايراني قالين، ريشمي غاليچا اعليٰ کان اعليٰ کي پرت ڪي منوت جي ڪم سان ڪٻاٽ دريون، دروازا ڪرسيون، ميزون وغيره وغيره سامان ڪي پتين ۾ سليقي سان سجايا ويا ته ڪي هولڊالن جي حوالي ڪيا ويا ۽ نه ڪٿي سگهڻ جهڙا قيمتي سامان مسلمانن تي ڦلن جي مٺ ۾ وڪٽي هو سفر جون تياريون مڪمل ڪري رهيا هئا.

هو تا پلاڻين منهنجو هيون تو هيٺون ٿئي،
تنگ مهارون تـوڏن جـا بينا جت جوڙين،
منهنجو لال پنهون تا نين ٻاروچي ٻولي ڪريو.
(شاه)

---

(١) واپاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانگل پرين پنوهار ڪي چوان تنئين چئيج،
تہ سندا سنگت ڏينهڙا ورم وساريج،
ڪوئين ڪٿي آهيان سگهي سار لهيج،
مت مانڊائي مجيج تہ نيرن ۾ نئون ڪريان.
(شاه)

ڪڏهن ڪبوترن سان هنپر ٿي حال اوريائئين تہ،
اپريام انگور ستي سپيرين جا،
ڪايو ڪايو سور لچيو لوچيو اٿيان.
(شاه)

ڪڏهن مزاج پرسي ڪندڙ مهربانن ڪي سٿايائئين ٿي تہ:

جڏهن پوي ٿي ياد صحبت سپيرين جي،
تڏهن فريادون فرياد ناگہ وڃن نڪيو.
(شاه)

ڪڏهن مدهوشي جي عالم ۾ پار ڪيڍي اگهاڙين پيرين ايرندي پار ٻوڙيو ٿي ۽ روڪڻ وارن ڪي چيائين ٿي تہ:

ڪنڍا مون پيرن ۾ ٻوٽي لڪ لڳن،
آنگر آنگوٺي نہ مڙي چيون پير چنن.
ويندي ڏانهن پرين جتي ذات نہ پائيان.
(شاه)

ڪڏهن غمخوارن ۽ صبر جي تلقين ڪندڙ ناصحن ڪي وراٺيائئين ٿي تہ:

محضتني النصح لاڪن لست اسمعہ،
ان المحب عن العذال في صمم.
(قصيده برده)

ڪڏهن عالم تصور ۾ حيدرآباد جون ويرانيون ۽ بربادیون ياد آڻي جهونگاريائين ٿي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿاهون آهي. چوٿون عرض. اڳ بہ عرض ڪري چڪو آهيان تہ رب العالمين جيڪا بہ مخلوقات پيدا ڪئي آهي. غيرت جو مادو انهي جي فطرت ۾ وديعت فرمايو اٿس. ڪابہ جنس هجي. حتيٰ ڪہ ڪيڙا ماڪوڙا بہ نر نہ پڇي سگهي تہ اوها ٻي ڳالهہ آهي. باقي وس هلي تہ پنهنجي ماديءَ کي ٽڪڻ واري جو سر وڃي. ڪل مخلوقات مان ديوث ۽ بيغيرت ايهو هڪڙو پليت جانور آهي. جنهن کي غيرت جي ڪا رتي بہ نصيب نہ ٿي آهي. ۽ جنهن شي جو گوشت کائجي ٿو انهيءَ جي طبيعت جو اثر لازمي طرح سان کائيندڙ تي پوي ٿو. تمام گهڻو مرون جو گوشت کائيندڙ يورپي قومن جي بہ پڌجي ٿو تہ ساڳئي مرون واري گت آهي. جيئن هڪڙي پوندڻ(١) ڪنهن ٻوڙي ۾ ٻوٽ هٽي بيهندي آهي. پنج ڇهہ مرون بہ يڪ وقت، پوري صلح سانت سان انهيءَ مان متمتع ٿيندا رهندا آهن. بلڪل اهڙي طرح سان ڇيو وڃي ٿو تہ بہ يڪ وقت ٻاتي پاتي گورا گڏجي هڪڙي مئڊم صاحبہ جي خذمتگذاري ۽ عزت افزائيءَ فرمائيندا آهن. ٿورو مرون جو گوشت کائيندڙ هندو قومن وٽ بہ غيرت تمام ڪا ٿوري ۽ نالي ماتر آهي. ڪونہ ٻڌو هوندان تہ ڪنهن هندو غيرت جي سوال تي پنهنجي زال ماري هوندي. ايهو مرون جي گوشت جوئي اثر آهي. جو هندو قوم وٽ نيوگ عين ڌرم ۽ ڌرم جو قانون آهي. نيوگ چئبو آهي اولاد نہ ٿيڻ جي حالت ۾ زال کي ٻارهن مڙسن تائين اولاد حاصل ڪرڻ لاءِ قانون فطرت جي مطابق عمل پيرا ٿيڻ لاءِ وڃڻ ۽ انهن کي پنهنجو پاڻ پرڻ(٢) کي. هڪ سک عورت جا ڇيو وڃي ٿو تہ ست ڏير ڇو نہ هجن هوءَ سڀني جي تمنائن کي انتهائي خوش اسلوبي سان پايہ تڪميل تي پهچائيندي رهندي آهي. مذهب اسلام جو بنياد ئي غيرت تي آهي. اوهو اسلام ئي آهي جنهن بيغيرت ۽ ديوث کي واجب القتل ٺاهرايو آهي. ايهوئي سبب آهي جو اسلام خنزير کي ايتري قدر پليت

---

(١) سوئر جي ماديءَ کي چئبو آهي. (٢) سپارڻ حوالي ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن زال کي ٻار نہ ٿئي . انهيءَ کي ٻارهن مڙسن کان ٻج حاصل ڪرڻ جي فل اجازت . اي جناب جي - ايم صاحب توکي مهاتما گانڌي جي وڏن ڪنن ۽ اگهاڙن پيرن جي ڏوهي آهي . توکي سباس چندر بوس جي سورهيائي ۽ سروجني نائڊو جي سياڻپ ۽ سگهڙپائي جو سنهن آهي . پنهنجي دل تي هٿ رکي فيصلو ڏي تہ ڇا ايهو نيوگ وارو قانون بہ حق آهي؟ قاديانين جي مقابلي لاءِ ننگر پارڪر ويا هئاسين ويرواهہ ۾ بہ دعوت ٿي . آتي بہ جلسو ڪيو ويو . اتي جي ماڻهن ويرا واهہ جي تمام وڏي ايراضي ۾ پکڙيل پڊا (۱) گهمايا . اهو تمام ڪو قديم زماني جو هندن جو شهر هو ، عجائبات ڏناسين . هڪ پٿر جي عورت ايتري قدر قابليت سان گهڙيل هئي جو چئن تہ ڪر سچ پچ زال آهي . انهيءَ جون ٽنگون مٿي ٿيل . ۽ زنانون عضوو ايتريقدر نمايان بنايل جو اوڏانهن نهاري نہ پيا سگهون . انهيءَ تي سيندر پيل ۽ گيهہ هاريل . اڙي هي ڇا ؟ ڇي هندو مرد ۽ عورتون اتي اچي انهيءَ زناني عضوي جي پوڄا ڪندا آهن . ڪجهہ اڳتي هلياسين هڪ بهترين قبو نهيل انهي جي فرش تي پوري وچ ۾ هڪ جنڊ وانگر گول اندازاً ٽي فوٽ ويڪرو پٿر زمين تي رکيل انهيءَ پٿر جي پوري وچ تي مردانو عضوو باقائده گهڙيل ۽ ٺاهيل. اڙي هي ڇا؟ ڇي بي اولاد هندو عورتون انهيءَ پٿر جي عضوي مخصوص تي ويهي حسب برداشت انهيءَ کي درآمد ڪري پنهنجي حساس ۽ نازڪ ترين حصئہ جسم جون لطافتون نزاڪتون نفاستون انڌي مذهب جي انڌ ۾ بي حس بي جان درشت ڪرخت ۽ خسيس پٿر تان قربان ڪري. انپر انهيءَ ڪان پٽ پنديون آهن ۽ قبو انهيءَ ڪري ٺاهيو ويو آهي تہ زالون پلي ڪپڙا لاهي اطمينان سان پٿر جي نامعقول ۽ ڪوڙي محبوب سان خلوت صحيح حاصل ڪن ۽ لطف اندوز ٿين. ايهو ڪو ٺلهو افسانو ناهي. حقيقت آهي. اڄ بہ ڪو انڪار ڪري تہ پاڙو مون تي

---

(۱ مٿيءَ جا تمام وڏا دڙا .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيمت ۾ رپيا پڌي. ماڻهن چيو ايهين چو؟ چيائين: وه صرف آلو
ہے اور یہ آلو بهی ہے اور آلو کا پٹها بهی ہے.

عام انسان ته صرف انسان آهن. هي انسان ۽ آهن ۽ ان سان گڏ پيون ۽ کيتريون ئي اتم جنسون هنن جي وجود ۾ سمايل آهن. تنهنڪري ايهي قسمان قسم ۽ رنگا رنگ جنسن مان جڙيل انسان نما جانور عام ماڻهن کان درجي ۾ تمام مٿاهان آهن. عقل ۽ دانش ۾ عام ماڻهن کان گهڻون بلند ۽ بالا. هونءَ به پسر (۱) پست (۲) ٿيندو آهي. هي ته پسر کان به مٿي صد سر آهن. هنن جي ته ڳالهه ئي ڪا اور آهي. اوهان ڀانيو ٿا ته ترقي انسانيت جي ڏاڪي تي پهچي ختم ٿي وئي. نه نه ختم وري ڪٿي ٿي، ڪير ٿو چئي ته ختم ٿي. ايهي جيڪي لکن سالن کان ترقي ڪري رهيا آهن. سي اجا ترقي ڪري مرد پاڏا ۽ زالون مينهون ٿينديون. ڪڻ ڪتر ڏارو لوسڻ وغيره جا ٻه ٻه مڻ هنن جو روز مره جو قوت هوندو. زالون مينهون بنجڻ کان پوءِ پاسي مان چروڙي ڪير جي ڏهائينديون. پوءِ سچو ڳيهه ملڪ ۾ ايڏو عام جام ٿيندو، جو ڪوڙي بناسپتي ڪي ڪير تڪ به ڪونه هٿندو. اجا به ترقي ڪري مرد ۽ زالون اٺ ۽ ڏاچيون ٿيندا، اجا به پوءِ هاٿي ۽ هاٿيون ٿيندا اجا به پوءِ الائي ڇا ٿيندا. ايهي ڳالهيون ڀانيو ٿا ته چرچو پيا ڪريون. نه نه چرچو نڪو يوڳ. هو سچ پچ پاڻ ڪي جيتن ڪتن ٻلن پولڙن باندرن جو اولاد چوائين ٿا.

جي. ايم صاحب بار بار لکي ٿو ته ايها اهڙي حقيقت ثابت آهي جنهن ۾ شڪ شبهي جي ڪابه گنجائش ڪانهي. ايها سچي قوم پنهنجي انهيءَ دعوي جي ثبوت ۾ باقائده ڪتاب لکي ڇاپائي رهيا آهن. ڪو ماڻهون اڻ واقفن کي اڳيان پاڻ کي صديقي فاروقي عباسي قريشي يا سيد سڏائي ته انهيءَ تي

---

(۱) پيءُ هڪ ذات وارو ۽ ماءُ ٻي ذات واري هجي.
(۲) وڏو بدمعاش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايهو ئي آخرت جو انڪار اڄڪلهه جي ترقي پسند لنگورپوڻن جي خاص نشاني آهي. ڊارون ۽ سندس اولاد ڏرڙ ۾ وڃي پئي. اوهي ٿيا يورپ ۾. هتي ته نڪو باندر نڪو باندر پوڻن جي ڪهاوت جو ڪوبه مصداق. نه ملڪ ۾ باندر آهن، نه وري ڪنهن مذڪوره بالا حادثه جو هن ملڪ ۾ امڪان ئي متصور ٿي سگهي ٿو. هتي وارا نياڻا جيڪي پاڻ کي خواه مخواه باندر جو اولاد سڏائين ٿا. اهي ڪيتري قدر به اسان جا ۽ اسان جي پاڪ دين جا دشمن. پر اسين انساني شرافت جي مدنظر هنن کي اهو ڪارنهن جو داغ هرگز نه لڳائيندا سين. ڇريي کي ڪو پنهنجي وس ڇڏبو ڇا. هو ڇا به چون پر اسين چونداسين ته هو ڪوڙا آهن. اول نمبر جا هنن جي ڏاڏاڻ ۽ ناناڻ بئي انسان ذات آهن.

اسان هنن کي ڪنهن مهل ڪاوڙ ۾ ڪٿي چيو ته ماڻهوءَ جا ڦر ئي ناهيو، ته انهيءَ مان اسان جي ايها مراد هرگز نه هوندي ته هو ڪو واقعي انسانن جا اولاد ناهن. اسان جي انهيءَ اکر مان ايها مراد هوندي ته هنن ۾ انسانيت اخلاق لياقت ۽ ڪابه چڱائي ڪانهي. الحاصل ته اوهين اي ڊارون جا پوڇاريو، اي الحاد پرستو، پاڻ کي ڪهڙي به قعر مذلت ۾ اڇلايو. پر اسين اوهان کي ماڻهون ۽ انسان ئي سمجهنداسين نه پيو ڪجهه. اڙي نياڻا ڪوه اڇي خوار ٿيا آهيو. ڊارون هڪڙو ٽٽ ڪٽي ڏنون نه اوهين بس انهيءَ تي سندرا ٻڌي بيهي رهيا. ڀلا جيت ۽ جانور ترقي ڪندي انسان بنجي ويا ته پوءِ ته انهن جيتن ۽ جانورن جو اڄ وجود ئي نه هجي ها. پوءِ ساڳين شڪلين صورتن سان ساڳيون جنسون اڄ تائين ڇو پيون هلن. اڙي پٽيا هوش ڪريو. پاڻهي پاڻ کي گاريون نه ڏيو. وقلو نه. پاڻ تي ماڻهو نه ڪلايو. پيو هاڻي ڀلا ڇا چئون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڳنڌڙ (۱) دوڏن ۾ هٽي ڏمڻ ڏمي ٿو تہ لوھ ۾ باھ جون سڀ صفتون ساڙڻ ۽ ڳاڙھو رنگ پيدا ٿيو پون. انهيءَ وقت ۾ لوھ پاڻ کي باھ چوائي تہ چوائي سگهي ٿو. اگرچہ في الحقيقت آهي لوھ جو لوھ. آهي تہ لوھ پر انهيءَ وقت ۾ ڪو هٿ لاهي بہ ڏسيس. وڻ تي انوار ايزدي جا اوهيرا آيا تہ وڻ حضرت موسيٰ عليہ الصلواۃ والسلام کي آئون تنهنجو رب. ايهي اکر چيا. اهو وڻ جي خالق ۽ مالڪ چيو بلڪل اهڙي طرح انهيءَ وقت ۾ سالڪ نہ پر سالڪ جو مالڪ چوي ٿو انا الحق. شاہ عنايت اللہ شهيد جهوڪ شريف واري بہ ايهين ٿي فرمايو آهي تہ.

من نمي گويم انا الحق يار مي گويد بگو
چون نہ گويم چون مرا دلدار مي گويد بگو

حضرت بايزيد بسطامي رضي اللہ تعاليٰ عنہ ڪان صحو (سلامتي هوش) جي حالت ۾ ماڻهون پڇندا هئا تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهون "سبحاني ما اعظم شاني" آئون سبحان منهجو ڪيڏو نہ وڏو شان ليس في جبتي سويٰ اللہ معنيٰ منهنجي جبي ۾ اللہ ڌاران ٻيو ڪجھ ڪونهي. ايهين چوي تہ انهيءَ جو ڇا حڪم آهي؟ فرمائيندا هئا تہ انهيءَ کي قتل ڪرڻ گهرجي.

ماڻهون چوندا هئا تہ حضور اوهان پاڻ ايهي اکر چئو ٿا. چوندا هئا تہ جيڪڏهن سچ پچ آئون ايهين چوان ٿو تہ مونکي بہ قتل ڪريو. بهرحال هنن جو ايهو قول مجبوري مدهوشي ۽ غير شعوري حالت تائين محدود هو. مولانا جامي چون ٿا تہ سڪر جي حالت ۾ جهونگاري رهيو هو تہ:

"بسڪ درجان فگارو چشم بيمارم توئي،
هرچہ پيدامي شود ازدور پندارم توئي."

يعني اي محبوب جيئن جو منهنجي قتيل جان ۽ بيمار اک

(۱) برنڌڙ زوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني حضرت شيخ احمد فاروقي سرهندي رضي الله تعاليٰ عنه شيخ اڪبر جي انهيءَ عقيدي جي ترديد ۾ تمام گهڻون ڪجهه لکيو آهي ۽ انهيءَ عقيدي کي گمراهي ثابت فرمايو آهي. پر انهيءَ سان گڏ شيخ اڪبر ۽ بين وحدت وجودي اوليائن جي ولايت جو به اعتراف ڪيو آهي.

فرمائين ٿا ته هنن معرفت الاهي ۾ ڪابه غلطي نه ڪئي آهي. الله تعاليٰ کي قانون شريعت جي عين مطابق به همه صفات موصوف ثابت ڪيو اٿن. البته مخلوقات جي معرفت (سڃاڻپ) ۾ ڀليا آهن ۽ مخلوقات جي معرفت ۾ ڀلجڻ ۽ مخلوق جي وجود کان انڪار ڪرڻ اگرچه حقيقت جي خلاف آهي. پر ڪفر ناهي ايها آهي مسئله وحدت وجود جي مختصر حقيقت.

# فراڊ ۽ ڏوڪي بازي

عهد حاضر جا ملحد ۽ منڪر انتهائي بيحيائي سان مالڪ الملڪ جي محبت ۾ مست ۽ مدهوش عاشقن جي عجب جهڙي اکر "همه اوست" کي مروڙي سروڙي عوام جي سطحي ۽ متاڇري کي ڏسندڙ ذهن ۽ نظر سان ڏوڪي بازي ڪري باري تعاليٰ و تقدس جي ذات ستوده صفات کان انڪار جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪري پنهنجي مسخ ٿيل فطرت جو مظاهرو ڪري رهيا آهن.

چون ٿا ته بزرگن جيڪو چيو آهي، ته تون به خدا آئون به خدا هر شيء خدا. انهيءَ جي معنيٰ ايها آهي ته بس ايهي ئي دنيا جون ڪل شيون خدا آهن ۽ متيون خدا جيڪو سڀ جو خالق ۽ مالڪ آهي سو (معاذ الله) آهي ئي ڪونه. الله جي محبوب بندن فرمايو هو ته اسين ۽ دنيا جون ٻيون ڪل شيون آهن ئي ڪونه. ڪابه شيء ڪجهه به ناهي. فقط خالق تعاليٰ آهي. فقط اوهو متيون خدا آهي . ٻيو ڪجهه به ڪونهي. هن وقت جا ملعون ملحد چون ٿا ته خدا آهي ئي ڪونه. خالق پاڪ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود ئي ڪونهي. پيو سڀ ڪجهه آهي. سڀڪا شيءِ ازخود پيدا ٿي آهي. ۽ ايهي ئي دنيا جون شيون خدا آهن.

هو چون ٿا تہ مٿيون خدا تحقيق آهي. هيٺ دنيا ۾ ڪجهه ڪونهي. هي چون ٿا تہ مٿيون خدا آهي ئي ڪونہ. هيٺ دنيا ۾ سڀ ڪجهه آهي. ۽ دنيا جي سڀڪا شيءِ ثابت آهي. ”ببين تفاوت رہ ڪجاست تابڪجا“. وحدت وجود وارا اوليا چون ٿا تہ الله آهي. الحاد پرست چون ٿا تہ الله ڪونهي. اوليا چون ٿا تہ رب ڌاران بي ڪابہ شيءِ ڪانهي. الحاد پرست چون ٿا تہ صرف خدا ڪونهي. بي سڀڪا شيءِ آهي. انهيءَ ڊبل مخالفت جي باوجود اوليائن جي اقوال مان الحاد پرستن جو پنهنجي الحاد لاءِ استدلال ڏوڪي بازي فراڊ بلڪ بيحيائي ۽ بيشرمائي جو هڪ نادر مثال آهي.

## هڪ مثال

فرعون چيو تہ مون ڌاران پيو خدا ڪونهي، آئون خدا آهيان. حضرت موسيٰ جيڪو چوي ٿو تہ سڀ ڪان مٿاهون سڀ جو خالق خداوند پاڪ آهي. سو معاذ الله ڪوڙو آهي. فرعون انهيءَ چوڻ سان اڪفرالڪافرين ۽ دوزخ يونين جو چيئرمين بنجي ويو.

منصور چيو تہ مٿين خدا ڌاران جو خالق پاڪ آهي پيو ڪجهہ بہ ڪونهي. آئون يا دنيا ۾ جو ڪجهه بہ نظر اچي ٿو، ڪجهه ناهي. نظر جو فريب آهي. في الحقيقت سڀ ڪجهه خدا ئي خدا آهي. اناالحق. انهيءَ معنيٰ سان تہ آئون ڪونہ آهيان. خدا آهي. فرعون جو اناالحق انهيءَ معنيٰ سان تہ خدا ڪونهي، آئون آهيان. بنهي ۾ زمين آسمان جو فرق.

هڪ عاشق آهي جنهن کي محبوب ڌاران ڪجهه بہ نظر نٿو اچي. هو سڀڪنهن شيءِ کي منعم حقيقي ۾ محبوب تحقيقي پيو تصور ڪري. پيو دشمن آهي، جو محبوب جي وجود جو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالم اسلام جي غوثن قطبن ۽ عام اوليائن تي ايها ناپاڪ تهمت نه ڏرء ڪهڙي اوليا چيو آهي ته اسلام جي ايها دعويٰ ته اسلام حق، ٻيا مذهب ڪل باطل. اها دعويٰ معاذ الله ڪوڙي آهي ۽ ڪفر جا ڪل مذهب حق تي آهن ڪفر حق تي هو تہ پوءِ اسلام آيو ڇو؟ حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم سان ڪافرن ڇو جنگيون جوٽيون؟ ۱۳ سال مڪي ۾ ڪين ۽ سندن جانثارن کي ڇو عذاب ڏنا. ۽ مديني پاڪ وارن ڏهن سالن ۾ بار بار حملا ڇو ڪيا؟ ڇا ڪو ملڪيت تان تڪرار هو؟ ڇا اختلاف اوطان ۽ ديسي پرديسي يعني سنڌي ۽ پناهگير جو مسئلو نزاع شقاق ۽ افتراق جو باعث بڻيو هو؟ ڇا ٻنهي ڌرين جو وطن ٻيو ٻيو هو؟ جيڪڏهن نه ۽ هرگز نه. بلڪ اسلام جي احقاق ۽ سربلندي ۽ ڪفر جي بطلان ۽ نگو نساري لاءِ اناويهن مدافعانه معرڪن ۾ محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم پاڻ بذات خود شامل ٿيا. جن مان نون معرڪن ۾ ته باقاعده جنگيون به هليون. جن ۾ جيڪڏهن هڪ طرف هزارين مرون مردار ٿيا ته ٻي طرف سندن محبوب اصحابين به وڏي تعداد ۾ پنهنجي پاڪ خون سان اسلام جي وڻ جي آبياري فرمائي.

ڪفر حق هو ته ايها ايڏي ڪشت و خون ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ جڏهن محبوب رب العالمين صلي الله عليه وسلم پاڻ ڪفر جو ڪرنگهو ڀڃڻ لاءِ ميدان ڪارزار ۾ ضيابار آهي. تڏهن ايهين ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته امت جا غوث قطب ۽ اوليا جن سندن ئي غلامي عشق محبت ۽ اتباع مان رفعتون ۽ عظمتون پرايون. اوهي ڪفر کي ڳرهاتيون پائڻ ۾ پورا هئا؟ باطل مذهبن ۽ باطل پرستن سان همدم ۽ همقدم ٿي رهيا؟ ڇا اوهي خود پنهنجي آقا ۽ موليٰ جا به مخالف هئا؟ ڇا اوهي قرآن پاڪ جا به مخالف هئا؟ جنهن جون ڇهه هزار ڇهه سوَ ڇا هٿ آيتون اسلام جي حقانيت ۽ ڪفر جي ڪوار (۱) ۾ ناطق آهن؟ ڇا هندالولي خواجه غريبنواز اجميري ڪروڙن ڪافرن کي مسلمان نه ڪيو؟ اهڙي طرح ٻين

(۱) ملامت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غوثن قطبن ۽ ولين اِسلام نہ پکيڙيو؟ ۽ پنهنجي وس آهر ڪفر جي پاڙ نہ پٽي؟ اڇوڪا هند جا سورنهن ڪروڙ مسلمان انهن اوليائن مسلمان ڪونہ ڪيا هئا؟ ڇا انهن ڪي بہ ڪنهن بادشاهہ يا جابر لٺيون الاري ٺونشا ۽ گسنيون (١) هٽي مسلمان ڪيو هو؟ عالم اسلام جي پوري تاريخ ۾ ڪو اهڙو هڪ بہ مثال ڏيکاري نہ ٿا سگهندا تہ مسلمان ڪنهن بہ ڪافر کي تقا توقي ڪري ٽڪون بجا هٽي پادرن سان ٽپڻ ڪٽي لا اڪراه في الدين جو قانون ٽوڙي جبراً مسلمان ڪيو هو؟

شاه عنايت الله شهيد جهوڪ شريف واري جو ڪو بيت ڪا لکت ڪوبہ تاريخي حوالو اهڙو ڏيکاري نٿا جنهن ۾ هن بزرگ چيو هجي تہ ڪفر جا ڪل مذهب حق آهن يا الفاظ ديگر تہ اسلام ۽ قرآن غلط آهي.

سر در قدم يار فدا شد چہ بجا شد
اين بار گران بود ادا شد چہ بجا شد

ايهو بيت جيڪڏهن هن بزرگ پڙهيو تہ ڇا انهيءَ جي ايها معنيٰ آهي تہ ڪفر حق آهي؟ جي ايئڙا هوش ڪر. وڏي نہ لڳ. معاذ الله ثم معاذ الله جيڪڏهن موصوف تو وانگر ٿياسافسٽ ۽ منڪر اسلام هجي ها تہ پوءِ هي هزارن جا هزار مسلمان سندس اهڙا مريد ٿين ها؟ جهڙا اڄ تنهنجا ٿا ٿين. شاه عنايت الله شهيد جهڙي آفتاب عالمتاب کي غلط رنگ ۾ پيش ڪري تو سچ کي تس هيٺان ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شاه عبداللطيف گونا گون اعمال صالح نمازون روزا حج زڪواتون جهاد خذمت خلق. وعظ تبليغ. تقويٰ خير خيرات وغيره وغيره. قرب الاهي جي حصول جي بيشمار بدايل ذريعن تي نظر ڪري هڪ بيقرار عاشق جي حال زار جي ترجماني ڪندي فرمايو تہ "واٽون ويهہ ٿيون ڪوه ڇاڻان ڪهڙي وڃان." هر هڪ عمل صالح لاءِ اسلام پاڪ محبوب حقيقي تائين پهچڻ ۽

(١) ٺونشا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر فقط ايتري اجازت ڏيئ ته تنهنجي اولاد ۽ نيپاج کي پاڻ ۾ ويڙهائي مارائي ڇڏيان. مائي صاحب ڇاڇا چوندي. چوندي ته ابا مر تون مارجن شل تنهنجا. موت پئي تنهنجي اهل و عيال تي ڏوڙ جا ڍڪ پريو تي وجهان. تنهنجي انهي ڪوڙ جي پٺپائي تي. مٺا ماريا دسمڻ (دشمن) منهنجي ٻچن جي سر جا ويري باھ لڳا. ٽپتا نانگا تنهنجي ڳور تي ڪلو. وچ تر دفع ٿي. هي ڇيڙي جهڙي شڪل واه جو منهنجو پٽ ٿو ٻنجي. عين بين ايها حقيقت اڄ هي ملحدن جو گروه بظاهر جيجل سنڌ امڙ سنڌ منافقت سان نڙيون ڦاڙي نعرا هڻي رات ڏينهن انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف آهن ته ڪنهنپر جيجل سنڌ جا ڪونڌر ڪهايون. سنڌ جي ٻچن ۽ جگر گوشن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ناس ڪريون. سنڌ جون آباديون پوڪون بازاريون جايون بنگلا ۽ باغ جيڪي سنڌ جي وڏي اولاد ۽ ننڍي اولاد جي دم قدم سان آباد آهن انهن کي نيست و نابود ڪري. جيجل سنڌ کي مڪمل طرح سان تباه ۽ برباد ڪري بر ۽ پانپاڙ (۱) بنائي ڇڏيون. جنهن مان هنڌان هنڌان رت جي بوء ايندل هجي. پيو بس ته پارت سواء ڪنهن مزاحمت جي ڪلي ڪڏي اچي سنڌ جي ڪٽ تي پاٿولي ماري ويهي رهي. اي سنڌ جا سپوت ۽ سورهيه سمات. اي سنڌ جا بانڪا ۽ بهادر بلوچ. اي سنڌ جا ڪراڙا ڪيهر قريشي. اي سنڌ جا اڻ موٽ عباسي. اي سنڌ جا شاهين صفت شاه. اي سنڌ جا سرويچ ۽ سرفروش سيد. اي پير جي نوڪر سان سخت پٿر کي پاش پاش ڪرڻ وارا سنڌ جا پهلوان پير. اي سنڌ جا انصاف پسند عدل گستر عقل جا وير آفيسر. اي پشتو واري دغه هغه وساريل سنڌ جا پتنگ پروانا پٺاڻ. اي سنڌ جا شهباز شهزور شهد ۽ شڪر ڪان وڏيڪ شيرين شيخ. اي زر سان عاجزن ۽ ضعيفن جي مدد ڪندڙ مهمان نواز ۽ اوطاقن جا ڌڻي. نرت ۽ نياز سان نياء نبيرڻ وارا سنڌ جا زرخيز زمينن وارا زميندار. اي سنڌ جا شيرين مقال ۽ شڪرين گفتار شاعر. اي سنڌ جا انشا پرداز ۽ آسمان صحافت

(۱) وڏي سڃي جاء.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢- هن پـر، سيم هاڪ ستي سنيارن جـي
محبتي ميهار جـي چڙن چوريا چاڪ
انهن جي اوطاق وڃڻ مون واجب ٿيو (شاهه)

٣- پريين پر پرين جون چڙيون چينگهارين
ڪي هڪڙڪي سريون ڪي تکيون تنوارين
مونکي ٿيون مارين سنيارون سپرين جون (شاهه)

شهر ڏهوٽان وڏي ويا ۽ خوبصورت اڏاوتن ۽ جاين جي دلڪش ۽ نظر نواز ۽ ڊيزائنن جي لحاظ سان يورپ جي شهرن کي شرمائڻ لڳا. ڀهراڙين ۾ باغن جو لامتناهي سلسلو انهيءَ حد تائين وڌيو جو ٿرپارڪر جهڙو پوئتي پيل ضلعو به اچڪلهه قنڌار جـي ارغنداء سان ڪلهو هڻيو بيٺو آهـي. ۽ ميوي مـان ڪروڙ پيو ڪمائي. هندو اسان جي تجارتي ۽ زرعي ۽ صنعتي نظامن کـي درهم برهم ڪرڻ جون سٽائون سٽي پاڪستان کي بگاڙڻ جا پهه پچائي وري فاتح ٿي موٽي اچڻ جـا خيال پڪا ڪري ڪجهه وقت لاء منهن تاري ويا هئا.

جس هجي اسانجن انهن مهاجر ڀائرن کـي جنهن سنڌ ۽ پاڪستان جي هرهڪ شعبي کـي ڏهوٽيون رونقون بخشيون ۽ هندو جيڪي نيت بد ڪري نڪتا هئا سي هميشه لاء دفع ٿـي ويا. فالحمد الله علىٰ ذالڪ.

هاڻيَ جي - ايم. حڪم ٿو فرمائي ته اڃهي ڏاريان جتان آيا آهن، اوڏانهن هليا وڃن. جناب عالي حڪم برچشم اچو تـه سنڌ مان ڏارين کي ترڙي ڪڍي سنڌ کي خالص ۽ پيور سنڌ بنايون. اچو ته پهرين سيدن سڳورن کي جيڪي اڍائي هزار ميل ڏورانهين عرب ملڪ کان امپورٽ ٿيل آهن. انهن کي ايڪسپورٽ ڪريون. پوء صديقي فاروقي علوي انصاري قريشي عباسي انهن کي ڀوڙائي ڪڍون پوء ڪل بلوچ قومون جن مان ڪن کي ته اڃان سنڌي ٻولي به پوري طرح ڪانه ٿي اچي. انهن کي سنڌ مان لوڏيون. پوء پنجابي ۽ مهاجر ٻه. باقي وڃي سنڌ ۾ سنڌ جا صحيح ۽ سچا وارث

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي سهڻ لاءِ به آئون تيار ناهيان.

اڃو پاڻي لــڙ تيو ڪالوڙيو ڪنگڻ
ايندي لڄ مرن تنهن سر مٿي هنجڙا (شاهه)

هو چوي ٿو ته ڪنهن ديگڙي ۾ پلي ڪٽي ست رڇيون تيار هجن. پر جڏهن ته ڪڏهن ڪبوتر ۽ ٻيرا انهيءَ مان ڇڳيا ڪڏهن ڪڪڙن انهيءَ کي ڦولريو، ڪڏهن ڪانگن ٺونگاريو. ڪڏهن ٻلن چٽيو. ڪڏهن منجهس ڪتن وات وڌا ۽ مٿس گگون هاريون. پلا انسان جي دل ڪيئن چوندي ته انهيءَ مـان ڪو گراهه کٽي کائي. انسان نيٺ به انسان آهي. انسان جـو هنيون ترقي پسندن وانگر ڪو ٻڳهه جو هنيون ته ڪونهي جـو ڏهن ڏينهن جي مردار ٽيل ڍونڍ کان به ڪچو نه ٿئي.

هو چوي ٿو ته مسلم معاشره انهن پارن واري زال کي جيڪو ڪني رن جو خطاب ڏنو آهي. سو بلڪل بجا آهي. پلا جنهن پاڻ کي اروڙي بنايو جنهن تي سڀڪو گند اڇلايو وڃي. انهيءَ کي ڪني نه چئبو ته خوشبودار ۽ سرهي چئبو ڇا؟ هـو چوي ٿو ته حيا ۽ شرم ۽ لڄ ۽ پرم ڌاران زال، زال ئي ڪانهي. هو چوي ٿو ته جيڪا ترقي پسند جي ترقي پسنديائي رفيقهٔ حيات سرعام پنهنجي شرمناڪ ڪارنامن ۽ ناگفته به حالات جا فوٽا ڪڍائي وڪڻڻ لاءِ مارڪيٽ ڏانهن موڪلي ٿي. انهيءَ کــي زال چئي ڪير ٿو. هوءَ يا ته ڪتي آهي يا ته گڏهه آهي.

هو چوي ٿو ته جلب لذات وري ڇا جو. ايهو في الحقيقت سلب لذات جو عمل آهي. جنهن جي مسلسل جاري رهڻ سبب زال ڦڪو ڦوڳ ۽ چوپيل چوٽو بنجيو وڃي. انهن ٻالهين جي اپٽار مان منهنجو مقصد ترقي پسندن تي ڪو هرويرو اعتراض ڪرڻ ناهي. مون فقط ايهو ٿي عرض ڪيو ته هو به ماڻهو. هو به ماڻهو. يعني ترقي پسند ۽ مسلمان ظاهراً ته ٻئي انسان آهن. پـر هنن جي خيالن ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. هڪڙو ايهو جنهن جـي زال ڏانهن ڪو اک کڻي نهاري ته انهيءَ جون اکيون ڪڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي. پيو اوھو جنھن جي زال کي کو ٻانھن مان جھلي وٺي
ٿي روانو تہ بہ ھن جي منھن ۾ سر ئي نہ پوي. سڀ کو پنھنجي
پر ۾ خوش آھي. سڀني کي پنھنجي پر سينبائي ٿي. مسلمانن
کي پنھنجون حيادار ۽ غيرتمند خواتين مبارڪ ھجن. ترقي پسند
صاحبان کي پنھنجون رفاه عام لاءِ وقف ٿيل ھردلعزيز بيگمات
مبارڪ ھجن. مون فقط خيالن جو فرق ٿي ٻڌايو. سو ٻڌايم ھڪڙي
جي ساراه ڪريان ٻئي جي گلا ڪريان تہ ھن سان منھنجو ڪھڙو ڪم.

# دشمن ڪير

مسلم معاشره زال ذات جي حيا واري فطري جذبي کي
جلا بخشي زال ذات جو مھت (۱) ۽ مان عزت ۽ شان بلندي
جي انھي افق اعليٰ تي پھچايو ھو جو سنڌ ۾ ھڪ ھڪ سارو في
جي صفت ۾ اديبن ۽ شاعرن پنھنجون عمرون گاري فصاحت ۽
بلاغت جا دريا وھائي ڇڏيا.

پردي جي معمولي ۽ فرحت بخش پابندين سبب ھو سياري
جو سج ۽ جھڙ وارين راتين جو چنڊ بنجي پيون. جن جو ھڪ
پرتو پسڻ لاءِ ماڻھون ڪر مريو تي پيا. آلادين کي سنڌ وٺي نہ
ھئي، سچي سنڌ جي حڪومت کان وڌيڪ متاع عزيز ۽ قيمتي
شي ھن جي نظر ۾ سنڌ جي ھڪ حيادار ۽ خوددارنياڻي پاڳي ھئي.
جنھن جي وٺڻ لاءِ ھو دھلي کان ڪھي ۽ ڪاھي آيو.

غيور ۽ سورھيہ سومرن پاڳي جي شان اڳيان سنڌ جي
حڪومت ٻاڪ پنھنجا ساھ ۽ سسيون ھيچ سمجھي پاگوند پاڳي
تان صدقو ڪري پنھنجي سورھيائي جا لازوال نقوش دنيا وارن
جي لوح دل تي ھميشہ لاءِ اُڪري ڇڏيا. حافظ شيرازي شاخ
نبات جي ھڪ خال تي سمرقند ۽ بخارا جون سلطنتون گھورڻ
جون اچائون (۲) ڪيون. ايھي ھيون حيادار خود دار ۽ پرده دار

(۱) عزت (۲) پيشڪش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي قوم جي ناز پرورده نياڻي تون پاڻ چئو تہ گهر ۾ شاهانہ ڪروفر سان رهڻ ۽ گهر جي سڪون اطمينان ۽ خاطر جمعي مان لطف اندوز ٿيڻ عزت آهي. يا هر جائي ٿيڻ. هرڪنهن سان نڪو (۱) ڏئي ٻيهڻ. گهٽين جي گپا گيهہ ۾ کلها گسائڻ ۽ مائٽن جا ڪنڌا نڪ پاڙان ڪپڻ ۽ ڪپڻ کان پوءِ مائٽن جي نڪن جا لاه بہ ڪڍي اڇلائي ڇڏڻ ۾ عزت آهي.

آغوش صدف جنکے نصیبوں میں نہیں ہے
وہ قطرۂ نیساں کبھی بنتا نہیں گوہر

سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي. ۽ ڏسجي تہ ايها آزادي في الحقيقت بدترين گرفتاري تہ ناهي. عزت جو سونون هاز لاهرائي طوق مذلت تہ ڪونہ ٿو پهرايو وڃي. ناموس جي موتين سان مڙهيل گلوبند جي جاءِ تي رسوائي جو ڳرو ڳٽ تہ ڳچيءَ ۾ ڪونہ ٿو وڌو وڃي. چون ٿا تہ:

دولت ہے بڑی چیز حکومت ہے بڑی چیز
از سب سے بشر کیلئے عزت ہے بڑی چیز

ماني دنيا ۾ ڪتا بہ کائين پيا. انسان جي آهي عزت. سو غور ڪري ڏسو تہ عزت انهيءَ معمولي ۽ فرحت بخش پابندي ۽ روح کي راحت رسائيندڙ رسمي رنڊ روڪ ۾ آهي. يا جيئن ترقي پسندن جو گمراه گروه اوهان کي چڙ واڳ ۽ ڇوٽ ڇرڻ ۽ شهر جي لوفرن ۽ غنڊن جي پيرن سان فٽ بال وانگر ٺڏجڻ ۽ پليتن جي پيرن جي پٺي ٿيڻ لاءِ سڏي رهيو آهي.

اي قوم جي سلڇڻي ۽ سدا سگهڙ نياڻي پابنديون نہ فقط زال ذات تي آهن. پر انسانيت جون پابنديون ۽ مذهب جون پابنديون ۽ معاشري جون پابنديون مردن تي بہ تمام گهڻيون آهن. مرد پابندين جي ٻاٽيتي کان وڌيڪ ٻانن ۾ جڪڙيل ۽ ٻڌل

(۱) منهن منهن ۾ ڏئي ٻيهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جيڪڏهن ڪو مرد به انهن پابندين جا ڏاوڻ ٽوڙي اوجهڙ ۾ ڪاهي پيو ته اوهو به سڏبو لوفر. بدمعاش. لنب. لفنگ ڦڙڀاٽي پڪو حرامي انهن اهڙن نامناسب نالن سان يا اچان به ڪن وڏيڪ لائق لقبن سان.

# هي ڏسو چگهڙسي

ڪتاب ———————— صفحه ۱۱۰ ۾ سن جي ساندي جيڪا دق دقي آهي. انهيءَ جو حاصل مقصد هي ته ڪعبو مندر آهي ۽ حجر اسود ڪنهن مورتي جو ناپاڪ عضوو. نعوذ بالله من شر ذالڪ اللئيم الرجيم. تفو بر تو اي مرد نادان تفو. ڪائنات جي ذري ذري جون ڦٽڪارون تنهنجي مردار منهن تي نازل ٿين.

پڏ. ڪعبو شريف پهرين حضرت آدم عليه السلام بنايو. اٽڪل ٻه هزار سال پوءِ حضرت ابراهيم عليه الصلواة و السلام ساڳين بنيادن تي ڪعبي شريف جي ڊنل عمارت از سرنو تعمير فرمائي. حضرت آدم عليه السلام دنيا جو پهريون انسان ۽ پهريون پيغمبر هو. انهيءَ وقت ۾ مندر ۽ بتن جو سوال ئي ڪٿو پيدا ٿئي.

حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام اوهو موحد هو جنهن جي بتن سان دشمني ۽ بت شڪني سبب وقت جو بادشاه ۽ سڄي قوم ۽ خود سندس مربي ۽ محسن چاچو (آذر) انهيءَ حد تائين دشمن ۽ سر جا ويري ٿي پيا جو پهرين ته جبل هيٺان آڙاه ٻاري جبل جي چوٽي تان کيس منجنيق جي ذريعي آڙاهه ۾ اڇلايائون. جڏهن رب رحمان کيس بچايو ۽ هنن جي ايها تدبير ناڪام رهي. تڏهن کيس ملڪ بدر ڪيو ويو.

حضرت ابراهيم عليه الصلواة السلام تي بت پرستي جي تهمت لڳائڻ محض حماقت جهالت خباثت شرارت ۽ عداوت ۾ انڌائي جي حد کي پهچڻ جو واضح دليل آهي. ڪعبو شريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياستدان جي ڪوجنا جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي ته بزرگ سياستدان شريمتي اُتمي بائي جي پائنچي ۾ جهاتي پائڻ ڏسندو آهي. پوءِ هنکي سڀ ٿئي ٿيندي جي خبر پئي پوي. اُتي ڪوه چاٽان کهڙو آئينه سڪندري يا جمشيد جو جام آهي. جنهن ۾ نظر ڪرڻ سان ستطبق مٿس روشن ٿيو وڃن. يا ڪا اهڙي عجيب قسم جي ٽيليويزن آهي، جيڪا اڄ کان ڏهه لک سال اڳ جا دنيا ۾ ٿيل واقعات ڏيکاري ٿي.

بزرگ سياستدان اتي ڏسي پيو ته انسان اول ۾ پاڻيءَ جو پونئرو هو جو ترقيون ڪندي باندر يا لنگور بنيو، پوءِ نيٺ انسان بنجي پيو. ايهو به ڏسي ٿو ته اسلام جاهلن جون خراب رسمون ميڙي سيڙي قرآن ۾ آيتن جي نالي سان دنيا اڳيان پيش ڪيون. ڪوجنا جي ذريعن جو نالو ته ضرور ونبو آهي نه. هي جيڪو نالو ئي نٿو وني، تنهنجو سبب ايهو آهي ته اهڙي مخفي ۾ لڪ چڇپ واري ذريعي جو نالو وٺندي ڦڪو ٿو ٿئي. ۽ ڦڪو ٿيڻ به گهرجي. رب رسي ته مت ڪسي هٽي ڪونه هٿيار. اهڙو پسا ئي پار جنهن ۾ جو ڪو جان جو."

ڪاش جيڪڏهن بزرگ سياستدان جي دماغ ۾ عقل جو ڪو قطرو ۽ دل ۾ حيا ۽ شرم جي ڪا بوند به هجي ها. باقي رهيو بزرگ سياستدان جو ايهو سوال ته اسلام پاڪ قديم مذهبن جي نقالي ڪئي آهي. سو سڻ اي اسلام جا عدو.

اسلام حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿيو. هر قرن ۽ هر دؤر ۾ جيڪي به پيغمبر پاڪ آيا تن خلق کي اسلام جي دعوت ڏني. ساڳي رب وقت بوقت ساڳيو پيغام موڪليو. چند فروعي اصلاحات کان سواءِ بنيادي عقيدا ۽ مک ڳالهيون حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضور سيدالمرسلين ﷺ تائين ساڳيون ئي آهن. پيغمبرن جي پيروڪارن جڏهن دين کي بگاڙيو ٿي، تڏهن معبود مالڪ ساڳيو دين نئين نبي هٿ، نئين آب و تاب سان ارسال فرمايو ٿي. تانجو معاملو اسلام تائين پهتو. جيڪو قيامت تائين پنهنجي اصلي ۽ حقيقي رنگ سان دنيا ۾ قائم رهڻ لاءِ آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابت ڪيو.

سيدن پيرن کان علاوه ڪل سنڌ جي مسلمانن تي ابن قاسم جا اڻ ميا احسان آهن. ابن قاسم هنن کي الله ڏيکاريو ۽ ابن قاسم هنن کي رحمةاللعالمين رسول سان روشناس ڪيو. ابن قاسم هنن کي دنيا جي عظيم ترين نعمت (اسلام) انعام فرمائي. ابن قاسم هنن کي ڪفر ۽ جهالت ۽ درندگي ۽ توهم پرستي جي اونهي اوڙاه مان ڪڍي علم اخلاق تهذيب ۽ جملي چڱاين جي اُفق اعليٰ تي پهچايو. ابن قاسم جا احسان ۽ ڳڻ ڳڻتي تا سگهجن. ليکي کان ٻاهر آهن. حساب جي جاءِ ڪانهي، بي حساب آهن. گهرجي ايهين ته جتي جتي ابن قاسم پير پاتا آهن، يا هليو چليو آهي. اوهي سندس راهون ۽ رند سون جي سرن سان ٻڌائجن. ۽ انهن جي ٻنهي پاسن کان، قسمن قسمن جا گل ۽ وڏي ڇانو وارا وڻ پوکائجن، ۽ پوري طرح سان پڌرائي ڪري ڇڏجي ته هنن هنن هنڌن ماڳن تي هن محبوب جا مبارڪ پير پهتا آهن. اوهو نرمل نجيب جنهن نور جو اهڙو دريا وهايو جنهن سنڌ ته ڇا پر سڄي هندوستان جون نوٽيون (۱) ڏينون ڏوريون ڪڏون ڪاهيون ته ڇا، پر جبلن جي مٿاهين چوٽين تائين نور پهچائي ڇڏيو.

غازي ابن قاسم جو سنڌ مان وهايل نور ايماني جو مهراڻ هيناهين کي ٻيري مٿي چڙهي هماليه جي چوٽين تي موجون مارڻ لڳو. غازي ابن قاسم ۽ سندس قدر شناس سنڌين تي رب جون رحمتون نازل ٿين شال ۽ سندس نه مڃيندڙ محسن ڪش مردودن جي ڪنڌ ۾ شال ڦتڪار ۽ ڪوار (۱) جا ڪنڍلا پون، پيو ڪل خير.

## راجا ڏاهر صاحب

غور طلب امر هي آهي ته هڪ ظالم جابر سفاڪ انسان ذات جو قاتل. شرابي عياش رنڍي باز رنگيلو ڊڪٽيٽر يعني راجا

(۱) جهڪيون زمينون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪاح جي نوعيتن (۱) ۾ واڳجي (۲) چڪا آهيو تہ پوءِ براهِ ڪرم زبردست احتياطي تدبيرون عمل ۾ آڻجو شيشي ۽ ٻوچ هوا ۾ اڏامي ويندو زياده خير والسلام ـــ

# ڪافر گــر

شيخ اياز جي ڪتابن جا اقتباسات مون گهڻا ڏٺا آهن. هو پاڻ کي کلم کلا ڪافر ۽ خدا وند تعاليٰ و تقدس جي وجود جو منڪر چوي ٿو. اياز اينڊ پارٽي پنهنجي تحريرن ۾ ڪنهن بہ مذهبي اصطلاحي اکر لکڻ ڪان بہ گهٽون ڪئو ڪندا آهن. برخلاف ان جي اياز جو هم پياله هم نواله همدم همقدم همراز ۽ هم نوا دوست جي - ايم پنهنجي تحريرن ۾ ڪٿي تہ خدا جو انڪار بہ ڪري ٿو. ڪٿي تہ ايهو بہ تاثر ڏي ٿو تہ خدا آهي. اگرچہ هن جي زعــم ۾ خداوند تعاليٰ خالق ۽ مالڪ ناهي. دنيا قانون ارتقا مطابق پاڻهي نهي راس ٿي. خداوند تعاليٰ کي دنيا ۾ ڪوبہ اختيار ناهي. خير شر نفعو نقصان ڪنهن کي بہ پهچي ٿو بطور ايڪسيڊنٽ يا اتفاقي حادثہ جي پهچي ٿو. خدا جي طرفان نہ. پلا ايهين آهي تہ پوءِ آخر خدا ڇو آهي ۽ ڇا لاءِ آهي ۽ اهڙي جي - ايم جي جڙتو ۽ مزعومہ بي پهچ ۽ بيوس ۽ بي دست وپا ۽ باطل خدا جي هئڻ مان فائدو ڪهڙو؟ انهيءَ سڌي ۽ اڻ سڌي انڪار جي باوجود هو ميسڙو ميسڙو ٿي مسلمانن کي ويجهو اچي رب جي هئڻ جو سر آلايي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مشيت ايزدي ۽ حقيقت محمدي جهڙا اکر لکيو وجهي. انهيءَ ٻچاپڙائي جو مطلب هي تہ اياز محض ڪافر آهي. جي - ايم ٺلهو ڪافر نہ پر ڪافر گر بہ آهي. هو پنهنجي وقت جو خناس آهي. جنهن جي زندگي جو مقصدئي آهي مسلمانن کي برغلائڻ ڦيرائڻ ۽ گمراه ڪرڻ. هو هڪ غول بياباني آهي. جنهن جو راه ڪان ٿيڙڻ ئي حاصل زيست آهي. هو

---

(۱) (رسي جو ونگ) (۲) ٻڌجي

تا جهلين. پر صرف عظيم جي لفظ ۾ ڪوه چاڻان.

هنن ڪي ڪهڙي ڪشش نظر آئي آهي. جو انهيءَ اکر ڏانهن هنن جي قلب جي ڪادي (۱) جو ڇيھ ئـي ڪونهي. ڪنهن مذهب تي حملو ڪيو ته اوهو عظيم آهي. ڪنهن ملعون رحمان ڪريم رب کي گاريون ڏنيون ته اوهو عظيم عظيم عظيم آهي. اسلام جو دشمن پلي ڪٽي ڪو اٺ جـو پٽ هجي، پلي ڪٽي ڪا مساڻ جي چپ هجي، پلي ڪٽي ڪو صفا پوتاڙيل ۽ بهوش هجي. پلي ڪٽي هن جو مضمون يا شعر سرسام واري جي وڦل وانگر واهيات بڪواس هجي. پر چونڪ اوهو گند هو اسلام جي خلاف مٿي رهيو آهي. تنهنڪري عظيم آهي عظيم آهي عظيم آهي. ڪو مسلمان اديب ڪهڙي به بيمثال تخليق پيش ڪري. پر اهو ڪجھ ناهي چو ته اسلام جي خلاف جو نٿو لکي. گنگا التي پئي وهي. حماقت دانشمندي جو نالو اختيار ڪري چڪي آهي. گڏهپائي انسانيت تي ڪلي ۽ چٽرون ڪري رهي آهي.

بسوخت عقل ز حيرت ڪه اين چه بوالعجبيست

بهرحال عظيم اوهو خوش نصيب لفظ آهي. جـو باوجود عربي هئڻ جي عربي جي دشمنن وٽ به مقبول ۽ محبوب آهي. ڪنهن جي ڀاڱ سان ڪهڙي ريس. پيا عربي جـا اکر جاندار هجن ها ته عظيم جي لفظ تي هنن ڪـي رشڪ ۽ غبطو ضرور ٿئي ها. پين عربي جي اکرن ڪـان هيڏي نفرت ۽ هـن هڪڙي عربي جي اکر تي هيڏو هيج. ڇا ايها حيرتناڪ حقيقت ناهـي ۽ جي آهي ته انهيءَ حيرت مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ مون اوهان کي بـه پاڻ سان شريڪ بنايو آهي. پيو هتي هر طرح سان خير آهي، اوهان جي خيريت مطلوب ۽ مرغوب.

---

(۱) محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غدار سند

# ١٣١٩ هجري

سونهاري سنڌ سان جي. ايم شيد جون غداريون ڪيتريون ڳڻي ڪيتريون ڳڻجن. هو سنڌ جو اهڙو خير خواه آهي، جهڙو بگهڙ ٻڪري جو. جهڙو گدڙ ڪڪڙ جو. جهڙو مـلان حلوي جو. جهڙو ترقي پسند هر قسم جي حرام مال جو. جهڙو تاندو ڪپاهه جو، جهڙو سنکيو انسان جي ساهه جو، جهڙو ٻلو ميڄي جي ماه جو. سنڌ تي سندس گهڻان ئي تورا آهن. پر انهن گهڻن تورن مان تورا تورا هي آهن.

١- سنڌي زبان ۽ سنڌي ٻولي جي هيرن جواهرن کي هندي ۽ سنسڪرت جي گند ۾ لوڙهي هنن جي چلڪات چمڪات ۽ جهرڪات ۽ آب تاب کي چٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

٢- سنڌ جي پنجاهه لک قديم سنڌين ۽ سٺ لک جديد سنڌين کي پاڻ ۾ ويڙهائي، مارائي، کپائي سنڌ جي اڪثر زنده انسانن کي ڍونڍين جا ڍير ۽ ڳجهن جو ڳاهه بنائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ.

٣- قديم ۽ جديد مانجهي ۽ مٿير مردن جي مارجي وڃڻ بعد پارت جي پوندڻ (١) کي بازاري سدا سهاڳڻين وانگر فحش اشارن سان سنڌ ڏانهن سڏي باقي بچيل نست ۽ نبل سنڌ واسين تي دشمن ڪافرن جي دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ ظالم حڪومت کي مسلط ڪري سنڌ کي دنيا جي بدترين محڪومي جي وڏي کان وڏي عذاب ۾ ڦاسائي سنڌين جي ٻچاپيهه ڪرائڻ.

٤- سنڌين کان سندن دين ايمان ۽ محبوب مذهب ڦري هنن کي لادين ۽ خدا جي غضب جو مستحق ۽ هميشه لاءِ دوزخ جو ٻل (٢) بنائڻ لاءِ ڪئين حيلا هلائڻ.

٥- سنڌين جي حيادار ۽ باوقار لڄن ۽ نياڻين کي فٽبال وانگر غنڊن جي پيرن ۾ پامال ڪرائڻ لاءِ ويهن ئي نهن جا زور

---

(١) مرون جي ماديءَ (٢) ٻارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ پاڻ فيصلو فرمايو ته مائٽن جي واپار کان سواءِ اوهان ڪالج ۽ يونيورسٽي تائين پهرين پهچي سگهوها؟ ۽ ايهي گردن ٽوڙ فيسون ڀري سگهو ها؟ ايهي رپين مـان زانديون ڪري سگهو ها؟......

اي برخوردارو اوهين اڄ انهيءَ منزل تي تڏهن پهچي سگهيا آهيو جڏهن هندو صاحبان خيرڪا آهن. اوهان يا اوهانجا مائٽ اڄ شهرن ’جي بيش بها بنگلن ۾ پکن هيٺان پگهر ٺاري رهيا آهيو تڏا مانجهاندا ڪري رهيا آهيو. هندو هجن ها ته اوهان کي شهرن جي ايها فرحت بخش بود و باش ڪٿي حاصل ٿئي ها؟

اوهان اڄ ٻهراڙين ۾ اونهاري جي گهٽن گرمين جهولن لڪن ۽ وسڪاري واري موسم جي آگمن آڙنگن ۽ رگهن ۾ هوا جو ذرو حاصل ڪرڻ ۽ پگهر سڪائڻ لاءِ پنهنجن چولن جي ونجٽي جي جاءِ تي داونن سان هٿ هٽي ٽڪو ها پر پگهر ڪونه سڪائي سگهو ها. ۽ گرمي بدستور هنيون پٽي منجهائي ها. ڏينهن جو مکين جا شوشات رات جو مڇرن جا زونزات. نه مڇرن لاءِ مهاري ميسر. نه مکين کان نجات لاءِ ڊي ڊي پاؤڊر جي ڇنڪار حاصل. نه ڪپڙو سچو نه پيٽ پورو پريل. ڏينهن جو ڪم جي مار. رات جو چورن جي ڊپ کان هرهر ڇرڪ بي خوابي. زندگي غمن جي وادي پر خار. حياتي تسين (١) ۽ تڪليفن جو تتل تنور. زمانو زهر آلود تيرن سان پريل ترڪش. جهان جور پرور ۽ جفاڪيش. عالم الم‌ڪده. سک ۽ سرهائي جي تڏي هير کان يڪسر محرومي زنده انسان سورن جي دريا ۾ لڙهندڙ بي حس و حرڪت لاش......

سرجياس تان سور سامائيس تان سک ويا
ايهي پٽي پور مـون نماڻيءَ نصيب ٿيا (شاه)

---

(١) ڏکن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شهباز. تون الله لوڪ ۽ ڏڪڙو دماغ. هو اول نمبر جو نل. تون ننڍڙو ۽ نازپرورده ۽ پالو پولو ۽ هن جي خطرناڪ چالن ڪان نا آشنائي محض... .... تڏهن تہ خود تو ڪان تنهنجي خلاف نعرا هڻائي رهيو آهي. هو هندن ڪان ٽڪا وٺي سنڌ ۽ سنڌ جي مسلمانن کي پارڻ ۽ ساڙڻ گهري ٿو. هن جيڪي ڍپ ڍيپا (۱) آهن، انهن ڪان پڇا پچ پري. توبه ڪر. انهن جي شر ڪان پناهون پن. هو تنهنجي غيرت حميت بلڪ خود دين ۽ ايمان تو ڪان ڦرڻ گهري ٿو.

جيڪي هندو ويا انهن جو اوڏانهن هجي. منهن... ........ هيڏانهن هجي پٺ. انهن جو نالو ئي نہ وٺ. باقي هاڻو جيڪي هندو هتي سنڌ ۾ رهيل آهن ۽ هنن پاڻ کي پنجويهن سالن ۾ پاڪستان جو وفادار شهري ثابت ڪيو آهي، انهن سان پلي دوستي رک. انهن سان پلي چڱايون ڪر. هو تنهنجي ملڪ ۾ رهيل گوياڪ تنهنجا ٻچا آهن، تنهنجي رعيت آهن.

اسلام پاڪ هندو ۽ ڪل غير مسلم رعايا جي حقن جو دنيا جي ڪل مذهبن ڪان هڪ بهترين محافظ مذهب آهي. ڪو مسلمان ڪنهن رعيتي هندو جا پنڌرهن رپيا چورائي تہ اسلامي قانون موجب انهي مسلمان جو هٿ ڪپيو ويندو. مسلمان جي هٿ جي قيمت لک رپين ڪان وڌيڪ آهي. مسلمان جو اوهو لاکيڻون هٿ رعيتي هندو (ذمي) جي پنڌرهن رپين تان قربان ڪري اسلام پاڪ غير مسلم رعايا سان عدل انصاف، ۽ احسان جو اوهو مثال قائم ڪيو آهي، جنهن جو نظير دنيا جي ڪا بہ قوم ڪوبہ مذهب پيش نٿو ڪري سگهي.

منهنجي تہ ايها رائي آهي تہ هتي اوهي ئي هندو رهيا جيڪي نيڪ نيت هئا، جن جنگ جي وقت ۾ پاڪستان کي وڏيون امدادون ڏنيون. ۽ پوري طرح سان پاڪستان سان وفادار هئڻ جو ثبوت پيش ڪيو. انهن کي اسان پائرن وانگر سمجهيو آهي. اسان هننکي پنجويهن سالن ۾ ڪوبہ ايذاءُ نہ پهچايو. هو

---

(۱) منڍ منڍيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذليل هجي يا بلند ڪان بلند. پوري طرح سان ظاهر ٿئي، گويا جيئن سمجهيو وڃي ٿو ته آخرت دنيا جي جزا ۽ سزا لاءِ نتيجه طور پيدا ٿيل آهي. تيئن ناهي، بلڪ اصل شيءِ آخرت واري عظيم ڪائنات آهي.

هي عارضي ۽ نقلي دنيا اصل دنيا جي درجن حاصل ڪرڻ لاءِ بطور هڪ امتحان گاهه جي معرض وجود ۾ آندي وئي آهي. ۽ جيئن هن دنيا ۾ عزت ۽ ذلت عيش ۽ عذاب، ڏک ۽ سک جي لحاظ سان هزارين درجا آهن. تيئن آخرت واري دنيا ۾ به عزت ۽ ذلت، عيش ۽ عذاب، جي لحاظ سان هزارين درجا آهن ۽ ڪهڙو ماڻهون ڪهڙي درجي ۾ هئڻ گهرجي. ڪهڙو ماڻهون ڪهڙي درجي جو لائق ۽ اهل آهي. ايهو رب پاڪ پاڻ بهتر ڄاڻي ٿو. جيڪو فطرتن جو پاڻ خالق آهي. انهيءَ ڪان وڌيڪ فطرتن جي ڄاڻ ٻي ڪنهنکي ٿي سگهي ٿي.

پر جيئن ته انسان هڪ جهڳڙالو قوم آهي. درجن جي تقسيم وقت هو خوامخواه رڙيون ڪن ها ته ٻي کي مون ڪان مٿاهون درجو ڇو مليو؟ هو مون ڪان وڌيڪ انهيءَ درجي جو اهل لائق ڇو ثابت ڪيو ويو؟ مون ۾ انهيءَ ڪان پاڻ وڌيڪ صلاحيتون ۽ چڱايون موجود آهن. پوءِ مون کي ابدي عذاب ۾ ڇو مبتلا ڪيو ويو، انهيءَ لاءِ نهايت ضروري هو ته اڳ ۾ هڪڙي ٻي دنيا پيدا ڪئي وڃي، جنهن ۾ هر هڪ انسان کي هڪڙي حد تائين (بين الجبر والاختيار) آزادي ميسر هجي ۽ هنکي عقل ۽ وقت ڏنون وڃي ۽ پاڪ پيغمبرن سي رستي چڱائي ۽ بڇڙائي ٻئي روز روشن وانگر هن جي اڳيان ظاهر ڪيون وڃن ته پلي سيڪو پنهنجو پاڻ پڌرو ڪري ۽ جيڪا هن ۾ لياقت آهي سا ظاهر ٿئي ۽ هو پنهنجي اعمال ۽ اطوار سان پنهنجي لاءِ درجو ۽ مقام گوياڪ پاڻ ئي مقرر ڪري ۽ درجن جي تقسيم وقت هن جي ايها حجت ۽ هائي گهوڙا نه هلي سگهي ته آئون انهيءَ درجه جو لائق ناهيان يا مونکي ههڙو ذليل مقام ۽ ههڙي عذاب واري جاءِ ڇو ملي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سواءِ نهي نٿي سگهي. هڪ ڪارب مان نڪتل ٻـي ٻولي ڪچي سر ۾ ڪاربي جي ڪارگذاري ڏاران ڪا صورت وٺـي نٿي سگهي. تڏهن هي هيڏي مخلوقات، هي هيتريون زمينون، آسمان سج چنڊ تارا خالق ۽ ناهيندڙ ڪان سواءِ ڪيئن نهي سگهيا

فيلسوفن ماده يا هيوليٰ تي پاڙيو آهي. اول تـه مادو ۽ هيوليٰ ڪيئن ايترو وڏيو. جنهن مان مختلف الاوضاع ڪروڙين عظيم ڪرا بنجي ويا.

ياد رهي تہ ڪابہ شي جيڪا وڏي ٿي، جيئن ٻـج وغيره سي پاڻي يا مٽي يا هوا جي ملڻ سان وڏن ٿا. جڏهن تـه ازل ۾ پاڻي مٽي هوا وغيره ڪجهہ ڪونہ هو. پوءِ ايهو مادو ڇـا مان وڌيو ويجهيو. ٻيو تہ ايهو مادو ۽ هيوليٰ بہ پاڻهي ڪيئن پيدا ٿيو؟ جڏهن نـاهيندڙ ڪان سواءِ ڪنهن شيءِ جو نهڻ ناممڪن آهي تہ پوءِ هيوليٰ سواءِ ناهيندڙ جي ڪيئن نهيو. لامحاله تسليم ڪرڻون پوي ٿـو تہ هن دنيا جي هر شيءِ جنهنجا اجزاء يعني حصا ۽ ڀانگا حادث يعني نوان پيدا ٿيل ۽ فنا ٿيندڙ آهن. ۽ جنهن شيءِ جا ڪل اجزيٰ حادث ۽ فاني. سا شيءِ پاڻ بہ حادث ۽ فاني. انهيءَ جو ناهيندڙ اهڙي ذات پاڪ هئڻ گهرجي جو قديم ۽ باقي هجي. يعني هميشه هو ۽ هميشه هوندو. هن ڪائنات ۾ ڪابہ جنس ڪابہ اهڙي شيءِ اسين نٿا ڏسون، جا قديم ۽ باقي هجي. تنهنڪري اسانکي هن دنيا کان ماورا قديم ۽ باقي ۽ حي ۽ قيوم ۽ حڪيم ۽ سميع ۽ بصير رب مڃڻون پوي ٿو. جنهن هن حادث يعني نئين پيدا ٿيل ۽ فنا پذير دنيا کي وجود بخشيو. انسان جي عقل کي انهيءَ مڃڻ ڏاران ڪابہ راهہ گريز نٿي رهي. جيڪڏهن عقل آهي تہ انهيءَ کي مڃڻون ٿي آهي. پلا جي عقل ناهي محض حماقت ۽ سرتاپا سفاهت ۽ حماريت آهي، تہ انهي تي ميار ڪانهي. ميار هوند تي ٿيندي آهي اڻ هوند تي ادا ڪهڙيون مياريون ڪبيون.

## حرڪت

هي دنيا جنهن ۾ اسين گهڙيون گهاري رهيا آهيون. هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيبر ميل جي هڪ هزار ميلن جو سفر ته هلائيندڙ ۽ منتظمين جي هڪ وڏي گروهه کان سواءِ ناممڪن. ۽ سچ جو هيڪروڙن ميلن وارو روزانون سفر پاڻهي پيو ٿئي. اتفاقي طور ٿي رهيو آهي. ايها ڳالهه توکي عقل ۾ اچي ٿي يا عقل ۽ علم جا ڏاتا ڏئي کو منڪر منحوس توکي بيوقوف ۽ جاهل محض بنائي رهيو آهي. شايد منڪر چوي ته سج ڪٿي ٿو ڦري. زمين ٿي ڦري. هائو ڀلا زمين کي ڪير ٿو ڦيرائي؟ زمين به ته گهٽ هلڪي شيءِ ناهي. جيڪڏهن چوي ته هي نظام خودرو ۽ آٽوميٽڪ آهي. هي سج جي ڪشش جا ڪرشما آهن ته ڀلا بِدَاءِ ته آٽوميٽڪ نظام کي درست ڪري هلڻ جي لائق بنائڻ لاءِ بنائيندڙ نه هوندو آهي ڇا؟ اڙي آٽوميٽڪ نظام درست ڪرڻ لاءِ ته پاڻ وڏيڪ عقل. بهترين ڪاريگر ۽ نهايت اعليٰ منتظم جي ضرورت هوندي آهي. هي اربن پدمن سالن کان مسلسل ۽ منظم طرح سان هلندڙ هيڏي نظام کي تون هلائيندڙ ۽ منتظم کانسواءِ تصور ڪرين ٿو ته پوءِ تنهنجي انهيءَ احمقانه ۽ بهيمانه تصور تي هزار حيف وڏيڪ ڇا چئون.

ماڻهون ته ڪٿي ڪا ننڍڙي واري جي ڏڀ ڏسي ٿو ته به يقين ڪري ٿو ته واءِ واري ڪٽي اتي پهچائي هوندي. واري جي ڏڀ متحرڪ (چرندڙ) ناهي، ساڪن (هڪ هنڌ بيٺل) آهي ته به انهيءَ لاءِ واءِ يا ڪو پيو محرڪ لازمي طرح سان تلاش ڪرڻون پوي ٿو. دنيا جي هيڏي متحرڪ نظام کي ڪنهن محرڪ کان سواءِ تسليم ڪرڻ بيوقوفي ۽ خرمغزي جو ڪمال ناهي ته پيو ڇا آهي؟.

# نظام ربوبيت

ڪٽڪ جو داڻو وٽائتي مٽي ۾ ملايو ويو. انساني نگاهه کان پوشيده ٿيڻ شرط قدرت جي پاڪ هٿن هن جي پرورش شروع ڪري ڏني. هن لاءِ لکين خورد بيني جراثيم مسلسل پيدا ٿيندا رهيا، جنکي کائيندي کائيندي ۽ انهن مان غذا حاصل ڪندي ڪندي ٻوڙو ٿيو. ٻوڙي مان بعض اوقات ٢٥-٢٥-٣٠-٣٠- تيلا نڪتا، هر هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حيرت انگيز

چون ته يورپ شريف جي ماهرين نباتات جي ڪا ٿولي ستاويهن سالن جي جاکوڙ ۽ گونا گون تجربن بعد پنهنجي ريسرچ مڪمل ڪئي ۽ فيصلو ڪيو ته اوپڙن ۾ به نر ۽ ماديون آهن. نرن جو ٻج هوا جي رستي يا ڪو پکي نر جو ٻج ڪائي مادي وڻ تي وٺ لاهي. انهي ذريعي يا نر وڻن ۽ ٻوٽن جون ٽاريون مادين جي ٽارين سان هوا جي زور تي گسي مادين کي پهچي ٿو. گويا انهن ۾ به شاديون مراديون ۽ شادين کان پوءِ واري عمل تلقيح جو انسانن ۽ حيوانن وارو طريقو چالو آهي. ڳائڻ وڄائڻ آٽيندو ماٺيندو منهنجي گهوٽ بنري کي موڙ ٻڌايان. اهڙن ڳيتن کان سواءِ ئي هنن جا وهانو ٿيندا رهن ٿا. ۽ هنن جون ناريون پنهنجن نرن سان باقاعده شاد ڪام ۽ متمتع ٿيڻ بعد ئي ڦل جين سان ٿين ٿيون. گوياڪ هنن جو اولاد ميوو آهي. جو يا ته ڪچو کهائي تي ڪري پوي ٿو. يا ته پچڻ بعد پوري وقت تي پاسا آجا ڪري رس ڀريو ميوو مالڪ کي پهچائي ٿو.

سائنسدانن پنهنجي دانست موجب جيڪا بهترين معلومات حاصل ڪئي. انهيءَ تي هنن خوشي جي هڪ تقريب ملهائي. ڪو مسلمان به مدعو هو. جڏهن هو پنهنجي ڪاميابي جا گيت ڳائڻ لڳا. تڏهن مسلمان چيو ته سورت ياسين حي هڪ آيت ۾ اسانکي اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ قرآن پاڪ ٻڌايو ته پاڪ آهي اوهو رب جنهن سڀ شيون جوڙا جوڙا (نر ماديون) خلقيا. جيڪي شيون زمين مان اپڙن ٿيون انهن ۾ نر ماديون ۽ انسانن ۾ به ۽ جيڪي هو نتا ڄاڻن يعني انسانن جي عقل ۽ نظر کان پوشيده مخلوق انهن ۾ به نر ماديون آهن. سائنسدانن چيو ته جيڪڏهن واقعي ايها قرآن جي آيت آهي ته پوءِ قرآن خداوند پاڪ جو ئي ڪلام آهي. نبي پاڻان ڪونه ناهيو آهي. ڇو ته چوڏهن سو سال اڳ ازين قسم معلومات حاصل ڪرڻ جا ڪي به آلات ۽ ذريعا دنيا ۾ ناپيد هئا. (دو قرآن مصنفئہ ڈاڪٽر غلام جيلاني برق) رب العالمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي ۾ پوشيده آهيان. مونکي حاصل ڪرڻ لاءِ حيلا هلاءِ. ۽ مون مان انيڪ فائدا حاصل ڪر. پوءِ بجلي کي قبضي هيٺ آڻڻ ۽ ڪارآمد بنائڻ ۽ انهيءَ مان سوين فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي سڏ پڏ ۽ سوڌي راهه سونهائي وئي، جيئن جو اونداها شهر بقعهٔ نور بنجي ويا. انهيءَ کان سواءِ بجلي پيا بہ ڪروڙن ڪرتب ڏيکاريا.

(چوٿون) رب فرمايو تہ اسان گهوڙا اٺ خچر ۽ گڏهه اوهان جي سواري ۽ اوهان جي بار برداري لاءِ پيدا ڪيا. اوهي بار جنکي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين اوهان نہ پهچائي سگهو ها. مگر تڪليف سان ۽ رب اوهان جي سواري ۽ بار برداري لاءِ اوهي شيون بہ پيدا فرمائيندو. جيڪي اوهان نٿا ڄاڻو. سورة نحل صفحہ ٢٢٢.

يعني ريل گاڏيون موٽرون ٽرڪون هوائي جهاز وغيره ظاهر آهي تہ ايهي شيون نزول قرآن جي وقت واري انسان نٿي ڄاتيون. رب پاڪ فرمائي ٿو تہ انسان لاءِ رب جي نشانين مان هڪ هي بہ آهي تہ اسان انساني ذريات کي ڀريل ٻيڙين ۾ (ڳرن بارن سان ڀرتو ٻيڙين ۾) کنيو ۽ اسان ٻيڙين جي قسمن جون ٻيون بہ شيون سندن سواريءَ لاءِ خلقيون (سورة ياسين)

۽ ٻيڙن جي قسمن جون ٻيون سواريون اچڪلهہ جا جهاز ۽ آبدوز ڪشتيون وغيره آهن. رب فرمايو تہ سندس قبضهٔ قدرت ۾ آهن. دريا ۾ هلندڙ جبلن جيڏا جهاز. (سورة الرحمان)

ظاهر آهي تہ ايهو بيان اچوڪن، هفت منزلہ ياده منزلہ جهازن جو آهي جيڪي واقعي سمنڊ ۾ جبل جو ڏيکاءُ ڏين ٿا. اهن پهو پانئجي تہ ڪرڪو جبل ترندو اچي. ورنہ اڳوڻين ٻيڙين ۽ غوزابن جي پاڻي کان ٻاهر نظر ايندڙ ديوار جا ٽن يا چئن فوٽن کان وڌيڪ ڏٺي نٿي سگهي. انهيءَ کي جبل سان تشبيه ڏني نٿي سگهجي.

هاڻي عرض ڪرڻون هي آهي تہ جڏهن مالڪالملڪ ذوالجلال والاڪرام رب کي موٽرون لاريون ريل گاڏيون هوائي جهاز پاڻي وارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته نه ايهي تمام وڏا آهن- سائنس هيئن تي چوي. اکيون چونديون ته ڏوڙ سائنس جي منهن ۾. ايهي آهن ايڏڙا ننڍڙا- انسان کي ايهو به ميڄڻ نئي پوي ٿو. اکيون محبوب ٿيون ته محبوب جي ڳالهه ڪيئن نه ميڄجي.

الحاصل ته اکيون ڪو دليل نه آهن. اکيون اسانکي ڪيترين جاين تي فريب ڏين ٿيون دليل عقل آهي. عقل رب جي ذات جون گواهيون ڏي ٿو.

# انسان

رب العزت جي قدرت ڪامله جي بي پايان نشانين مان اشرف المخلوقات انسان ذات جو وجود به هڪ وڏي نشاني آهي. هر هڪ انسان بذات خود هڪ هلندڙ ڦرندڙ ڪائنات آهي. ظاهر بين شاعرن پنهنجي سطحي نظر سان ڏسي محبوب کي سرو آزاد يعني زمين ۾ ڪتل ڳتل ۽ پاءِبند نه بلڪ بلحاظ سڌي قد ۾ هموار جسم جي هلندڙ ڦرندڙ سرو چيو آهي. ڪاش هو ڪجهه غائر نظر سان ڏسن ها. ڪاش هو انسان جي داخلي محيرالعقول نظام ربوبيت ۽ اندروني لامحدود انتظامات کي پرجهن (۱) ۽ پسن ها ۽ جيڪڏهن ايهين ڪن ها ته بجائي سرو آزاد جي انسان کي پوءِ توڻي جو هو جمال جهان آرا ۽ حسن عالم افروز جو حامل نه به هجي ۽ توڻي جو هو ڇبو ڦڏو ڳڪو نڪ ٽلهو چپ ٻولو ڪارورنون ۽ موڳ جهڙو هجي. ته به هنکي آزاد ۽ هلندڙ ڦرندڙ ڪائنات جو لقب ڏين ها. انسان جو اعصابي نظام (نروسز سسٽم) جنهنجو مرڪز (سينٽر) دماغ آهي. انهيءَ جون هڪ هزار نه بلڪ ڪئين هزار تارون انسان جي سڄي بدن ۾ ايهين پکڙيل آهن. يا هيئن چئجي ته انسان جو سڄو وجود انهن تارن سان ايهين واٽيل آهي. جيئن ڪو ڪاريگر تمام سنهي واڻ سان کٽ کي واٽي ڇڏي. بدن تي ڪتي به ماڪوڙي سري ته ايهين تارون هڪڙي سيڪنڊ

(۱) سمجهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري قدر لائق ۽ اهل ۽ مستحق جو ڪوبہ قانون عدالت ۽ ڪابہ منصف مزاج طبع سواءِ جهنم جي ٻي ڪابہ جاءِ هن لاءِ تجويز ڪري ئي نہ سگهي. بلڪ هو پاڻ بہ انهيءَ فيصلہ تي لب ڪشائي ڪرڻ ۽ نظرثاني جي اپيل ڪي انصاف جي خلاف تصور ڪري.

هڪڙي ڊاڪٽر جي والد جي ڏهي جي خيرات جي دعوت تي حيدرآباد وڃڻ ٿيو. دعوت ۾ هن جي دوست ڊاڪٽرن جو چڱو تعداد آيل هو. هو مون کان ڊاڪٽري جي پيشي ۾ پيش ايندڙ مسئلن بابت شرعي احڪام پڇي رهيا هئا. دوران گفتگو ۾ ٻڌايائون تہ هڪ هندو جيڪو تازو ايم-بي-بي-ايس ۾ پاس ٿيو آهي. اهو چوي ٿو تہ جنهن رب؟ اهڙي جوڙ جوڙي. هيڏي خوبصورت ڪائنات خلقي. انهيءَ جي ڏسڻ جو مونکي بيحد شوق آهي. آئون خداوند تعاليٰ کان هر وقت ايهو سوال ڪندو آهيان تہ قيامت ڏينهن مونکي دوزخ ۾ پلي موڪل. پر مونکي پنهنجو ديدار ضرور ڪراءِ. هڪ واٽيي جي پٽ جا ايهي خيال ۽ ڪنهن مسلمان جي مت جا ٻي طرح خيال،

”بسوخت عقل زحيرت کہ اين بوالعجبيست“

# ڊيزائنون

ٽيڪسٽائيل مل ۾ ڪي انجنير تہ محض مختلف رنگن گلن ۽ ڊيزائنن بنائڻ لاءِ مخصوص هوندا آهن. ساڳي ڊيزائن توڻي جو بهترين دلڪش ۽ جاذب نظر ڇو نہ هجي. انهيءَ ڪي ڏسي هنيون پرجيو تو پوي. طبعيت انهيءَ کان بور ٿيو وڃي. انهيءَ ڪري بدليل سدليل ڊزائنون منصئہ شهودتي آڻڻ مصلحت ۽ عقلمندي آهي. ۽ انهيءَ سان گڏ انهيءَ جو بہ دليل آهي تہ ڪا مصلحت شناس قوت ۽ ڪنهن ڪاريگر جو نزاڪت ۽ نفاست پسند هٿ ڪارفرما آهي. جو ذري ذري نوان نوان نقوش دلپذير ۽ دلاويز چٽ گل چٽي رهيو آهي. دنيا جا ٿي ارب انسان هرهڪ جي شڪل صورت پنهنجي پنهنجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڪريون گهوڙا گڏهه اٺ ڳئون مينهيون ٻـ هرهڪ جدا جدا شڪل تي خلقيون. ڊراڙ ڏينهن جو وڏا وڏا ڌڻ رڍن ٻڪرين جا گڏ چاري شام جو جڏهن ڏاري ڏار ڪندا آهن. تہ منهنجو عقل دنگ رهجيو وڃي تہ هي سڃاڻن ڪيئن ٿا. ضرور هر هڪ رڍ ۽ هرهڪ ٻڪري ۾ بہ ڪو تہ نمايان فرق آهي. جنهن تي ڊراڙ سڃاڻيو ڏار ٿا ڪن. اسان جي ضلعي جي هڪ وڏي دولتمند زميندار نواب مير حاجي الهداد خان چيو وڃي ٿو تہ هلنڌڙ موٽر مان هڪ ڌڻ ۾ بيٺل پٽ سڃاڻي ورتي. ڇٽي هي منهنجي ٽـي چار سـال اڳ گم ٿيل ٻڪريءَ جـي دختر نيڪ اختر آهي. چنانچہ تحقيقات ڪان پوءِ مير صاحب جي ڳالهہ سچي ثابت ٿي.

الحاصل تہ ايڏو تہ فرق آهي جـو قيافہ شناس ۽ صورتن جا پارکو پنهنجي مال جي اولاد مان بہ ڪا اهنجار پرکيو وٺن. اجان بہ اڳتي وڌ. ماڪوڙيون ڏس. هڪڙي پر مان جڏهن آنان ڪٽيو نڪرن ٿيون تہ ڳاڻيٽي ڪان ڳالهہ ٻاهر ٿيو وڃي.

هڪڙي هڪڙي ٻر ۾ ڪراچي ۽ لاهور ٻنهي جي تعداد ۽ شمار ڪانِ وڌيڪ. پـوءِ سڄي روئي زمين ۾ انهن جـو ڪل ٽوٽل ڇا هوندو. انهيءَ تي انسان جو عقل ڪنهن بہ صورت سان محيط تي نٿو سگهي. انهن جو تعداد اوهو خالق پاڪ ڄاڻ ڄاڻي. جنهن خلقيون آهن. حشرات الارض جي ماهرن خوردبينن سان ڏسي تحقيقات ڪئي آهي، تہ انهن مان هر هڪ جون شڪليون صورتون ڊيزائنون جدا جدا آهن. ايهي بہ هيڪ ٻي کي جدا جدا صورت سبب پنهنجين چونچين اکين سان ڏسي جانچي ڄاڻن سڃاڻن ۽ زندگي جا ڪل معاملات پاڻ ۾ علي بصيرة طئي ڪن ٿيون. انهيءَ ڪان سواءِ دندا پرندا ۽ پاڻي جا جانور مڇيون پونئرا وغيره جن جو تعداد معلوم ڪرڻ جي انساني عقل تہ سڌ ئـي ڪونہ ڪندو. ڇو تہ انسانن جو ناهيل ڳاڻيٽو نيلن ده نيلن تي ختم ٿي وڃي ٿو. ۽ هنن جي ڳاڻيٽي واري دفتر ۾ نيلن ده نيلن تہ گويا برک ٻـ ٽي جي حيثيت ٿـو رکي. انهن سيني جـون شڪليون صورتون پنهنجون پنهنجون ۽ جدا جدا.

مخلوق جا هزارين قسم ۽ هرهڪ قسم جـو ڳاڻيٽو عقل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا. سردار شافع دوجهان صلی الله عليه وسلم فرمايو ته رب ڪا به اهڙي بيماري نه خلقي آهي، جنهن لاءِ دوا ۽ شفا نه پيدا ڪئي هجيس. آهي ڪو هزارن بيمارين لاءِ هزارين پر تاثير ۽ موافق دوائن جي تخليق تي غور ڪرڻ وارو؟

## موسمون

سياري ۾ سج ڏکڻ طرف تمام گهٽون لڙي ويو. سج جي گرمي سج جي پري ٿيڻ سبب گهٽجي ويئي. سيءُ ملڪ کي گهيري ويو. هٿ پير ڦٽن پيا. گريبن (غريبن) وٽ نه گندي نه گبرو (۱) نه رلي نه رلڪو. انهن جون ڄاڙيون ٽڙڪڻ لڳيون. سيءُ کان سوسڙاٽ ڪرڻ لڳا. سيءُ کان بچاءُ لاءِ ماڻهون سيءَ جي دشمن پارٽي يعني باهه جو سهارو وٺڻ لڳا. ڳاڙهي باهه جو قدر ذري گهٽ ڳاڙهي ڪنوار جهڙو ٿي ويو. پروچ دعائون پنڻ لڳا ته باهه تون ته شل قبر وچ به گڏ هووين. پاڻي ٺارڻواري معاملي ۾ سيڪو پڻ رپين وارو دلو پڻ هزارن وارو رفريجٽر بنجي ويو. واندين (۳) ٺلهين سوڙين جي اندران ڇاهي وانگر گول مول بنجي پنهنجن گوڏن کي ڏاڍا پاڪر وڌا. سگهرن پنهنجين ساگهرين کي چڪي پڪ وڌا. فصلن ۽ وڻن کي سيءُ ڪارو ڪيو. وٽيو مروٽيو، ۽ ٻوٽ پير ڪيرايو. ڏن وارن گرم ڪاڏا گرم معجونون کائي گرم ڪپڙا پهري گرم ڪمرن ۾ پناهه وٺي بت گرم ڪندڙ دوشيزائن سان سينه به سينه لب به لب دوش بدوش ۽ هم آغوش ٿي سياري کي خوش آمديد ۽ مرحبا چئي ۽ سياري جي لذتن مان لذت اندوز ٿيا. غريبن جي حال جي هڪ غريب شاعر هنطرح سان ترجماني فرمائي.

دوشينه شبي که برف تا دوشم بود
زانو چو عروس نو در آغوشم بود
جز چشم نبود چيز پوشيدن من
چيزي که به زير سرنهم گوشم بود

---

(۱) جهڳي (۲) چڙهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اهڙي جيواڙي تي به ڪٿ ڪٿ ۽ اڙين جو نڪاءُ پيو پوي. الحاصل ته ويچارڙو شاعر جنهنجي اندر جو آواز آهي.

ماقصهٔ سکندر و دارا نه خوانده ايم
ازما بجز حکايت مهرو وفا مپرس

انهيءَ جو قلم عشق ۽ محبت جي موضوع ۽ سڪ ۽ سوز جي سڀ جيڪٽ تي اهڙو مست ٿيو وڃي جو ڪئين صفحا ڪارا ڪري پوءِ مس وڃي ڪا ساهي کڻي ۽ ساهه پٽي. ڏاڍن زورن سان اهڙي ڪاهيندڙ ۽ ڪڙياٽ (۱) ڪندڙ قلم کي اڳتي وڌڻ ڪان روڪيو اٿم انهيءَ موضوع تي قلم کي ڍر ٿا ڏيون ته قلم الائي ڪهڙا ڪن وڃي ڪندو ۽ ڪهڙيون نه چوڻ ۽ نه ڪولڻ جهڙيون ڳالهيون وڃي ڦولريندو. مقصود صرف هي عرض ڪرڻون هو ته ٻن جنسن جو پيدا ٿيڻ هڪ عظيم مصلحت جي بنا تي مصلحت شناس ۽ مدبرالامور جو ڪارنامون آهي. پاڻهي ٿي پيو وارو هتي ڪوڙو ئي ڪونه ٿو لڳي.

## حسن ۽ جمال

پٽ تي ڪو اوپٽو رنگ هاريل ڏسي به ڏاهو پروڙي وٺندو ته ڪنهن نه ڪنهن ضرور پٽ ناهي. ڪنهنجي هٿان رنگ به ضرور هاريو. پر ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن صفا خرمغز ۽ ڏڏ جو ڏيان انهيءَ طرف نه به وڃي. پر جيڪڏهن پٽ تي چٽايل ۽ سهڻان چٽ چٽيل نقش نگار گلڪاري يا ڪشيده ڪاري ٿيل هوندي ته پوءِ ڪير به هجي. ڪهڙو به عقل جو انڌو ماليخوليا جو مريض يا جن جو جهليل هوندو ته به بيساخته چوندو ته واهه ڙي ڪاريگر واهه واهه جا چٽ چٽيا اٿئي. پوءِ ته ناممڪن آهي ته ڪنهن ماڻهون جي ڦر جو ڌيان چٽيندڙ ڏانهن نه وڃي ۽ چٽڻ واري کي نه مڃي. مخلوقات جيڪڏهن صفا ڪا اڏي ابتي بيدولي بي ڍنگي.

---

(۱) ڏٻ ڏٻ ڪري اچڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نبوت ۽ مذهب

سن جو ساندو چوي ٿو ته نبي خدا جو موڪليل نبي ناهي. هن دور جاهليت جون ڪي پراڻيون رسمون سميٽي سهيڙي هٿرادو قرآن ڪٺي ناهيو آهي. بلڪ اڪيان نبي ۽ سندن مذهب به ٺلها ناهه ناهيل آهن پيو خير ڪتاب ـــــــــــــــ صفحه ١٦٥

# مذهب ۽ نبي جي اچڻ جو ڪهڙو ضرور هو

هن دنيا ۾ چڱايون به آهن. بڇڙايون به آهن. نقصان به آهن. ڪيتا به آهن. چيها به آهن. لاڀ ۽ لوڀ به. خسارا ۽ ٽوٽا به. انساني نفس چاهي ٿو ته دنيا جا ڪل خزانا ڪل فائدا ڪل چڱايون. ڪل سونهن. ڪل سوڀ. ڪل زور. ڪل طاقت. ڪل ملڪيتون. ڪل جائدادون. ڪل خوبصورت عورتون. ڪل اولاد. ڪل نوڪر چاڪر. ڪل بنگلا ۽ ماڙيون. دنيا جو سمورو جاه و حشم. دنيا جي ڪل عزت ۽ رفعت. دنيا جي هرڪا راحت ۽ فرحت مونکي حاصل هجي. دنيا جو اڪيلو شهنشاهه مطلق آئون ئي هجان پيو بس. ڪوبه نقصان ڪوبه چيهو ڪوبه مرض ڪابه تڪليف ڪابه ڪدورت مونکي اوڏيائي نه اچي. ايهي خيالات ڪنهن هڪ انسان جا نه بلڪ هرهڪ انسان سان لازم ملزوم آهن. ڪلي طرح سان جاب منفعت ۽ ڪلي طرح سان دفع مضرت لاءِ پاڻ پتوڙڻ. يا ڪم از ڪم انهيءَ لاءِ بيحد متمني رهڻ انسان جي فطرت آهي. سڀ چڱايون مونکي ملن. انهيءَ ۾ پيو ڪوبه حصيدار نه هجي. سڀ اوڻايون ٻين تي نازل هجن ۽ آئون تڪليفن جي تصور کان به هميشه بالاتر رهان. جڏهن ايهين آهي ته پوءِ دنيا ڪيئن هلي. هرهڪ انسان جيستائين سڀڪجهه ٿو حاصل ڪري ۽ انهيءَ سڀ ڪجهه لاءِ سڀڪنهن سان جنگ ٿو جوٽي. تيستائين پاڻ به پيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ مطابق پنهنجو دستورالعمل بنائي پوءِ هلي چلي سگهن ٿيون. ۽ انهيءَ الاهي قانون کان ابتڙ جيتريقدر به هنن پاڻان ناهيو آهه. اوتريقدر هنن خلق کي عذاب ۾ مبتلا ڪيو آهي. انهن ملڪن جي ماڻهن جون مصيبتون ۽ عذاب وڃي ڪو ڏسي ۽ اوهي مصيبتون ۽ عذاب قانون الاهي جي سنوت ۽ سوڌائي کان هٽرادو پيدا ڪيل ڪجي ۽ اعو جاج جي مطابق آهن. يعني جيتريقدر هو نبين جي آندل قانون ۽ آئين کان هٽيا آهن. اوتريقدر ٿڙيا ۽ ٿاٻڙيا آهن، ۽ اوجهڙ ۾ پئي ڌڪا ۽ ٿاٻا کاڌا اٿن. ۽ انسان ذات لاءِ عذاب جو سبب بنيا آهن. پر ڪلي طرح سان هو به قانون الاهي کان ڦريل ناهن. ڪلي طرح سان ڦري وڃن ته دنيا ۾ رهي ڪونه سگهن. اول ته انسانن ۾ انسانن کي هلائڻ چلائڻ لاءِ ڪو قانون ضرور هئڻ گهرجي. ايهو اصول به انسان ذات کي الله ۽ نبين ۽ مذهبن سيکاريو آهي.

الحاصل ته انسان ذات جو قانون عدل ڏاران دنيا ۾ رهڻ ناممڪن هو. انهيءَ ڪري ارحم الراحمين رب پنهنجا نبي موڪلي قانون سيکاريا ۽ قانونن تي هلڻ لاءِ بندن کي راهه هموار ڪري ڏني. ايهو سندس عظيم احسان آهي ۽ ايهو احسان نه هجي ها ته دنيا ۾ انسان ذات جهڙي ڪري هجي ئي ڪانه ها. ۽ پيدا ٿيڻ کان پوءِ چند صدين اندر ختم تي وڃي ها.

## قرآن پاڪ

اسان جي هوت حبيب اسانجي مدني محبوب صلى الله عليه وسلم جي سچائي جو قرآن پاڪ هڪ اهڙو دليل آهي. جنهنکي چوڏهن سو سالن ۾ ڪوبه رد ڪري نه سگهيو آهي. هاڻي ڏسو قرآن جي دعوىٰ (۱) چئو جيڪو اسان پنهنجي بندي تي نازل فرمايو آهي. انهيءَ ۾ جيڪڏهن اوهانکي شڪ آهي ته اوهين اهڙيون صرف ڏهه جڙتو سورتون ناهي پيش ڪريو ڏهه نندڙيون سورتون صرف ٻه اڍائي صفحا ٿي سگهن ٿا. جن جي لکڻ ۾ هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ

---

(۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻوٽ مان ٻوڇ نه نڪري پوي ها. هو چوي ها ته هاها مقابلو چو ڪونه ٿيو. مقابلو ٿيو. پر منصف ۽ امين ملهه ۾ وچين اٿلي ويا ۽ مقابلہ ڪندڙن جي ڪٺي ڪمائي ڪٺ ڪري چڏيائون. انصاف ٿئي ها ته ايهي الله سان مقابلو ڪندڙ الله جا عدو انسان الله جي مقابلي ۾ ايهين ڪنڌ پر ڪونه ڪرن ها. وات جي پلاءَ ڪي گيهه جو ڪهڙو سرفو. جيڪڏهن ڪو چوي ته ماڪوڙي وزن ۾ هاٿي ڪان ڳري آهي. جيڪڏهن ڪو چوي ته ڪاري ٽنڊڻ ۾ روشنائي سج ڪان وڌيڪ آهي. ته انهيءَ اهڙي بي شرم ماڻهون ڪي به ٻڌڻ وارا چا تا ڪري سگهن. پاڪ آيتن جي مقابلي ۾ ڪو نلهي گف ڪٺي ڪري ها ته به اڄڪلهه جا بيشرم الحاد پرست ڪوڪريا (١) مچائي ڏين ها ته اجهو آيتن جهڙيون مصنوعي آيتون ٺهي ويون. جيئن اڄڪلهه جو ڪو ڪفر جو پوچاري عرف ترقي پسند سر ۽ تال ڪان سواءِ به ڪا توتاري وڃائي ٿو. ادب جي نالي ۾ ڪهڙو به گند مٿي ٿو ته الحاد پرستن جو چوطرف عظيم عظيم عظيم عظيم جو ڪانگن وارو ڪانگورو مچيو وڃي. عالم الغيب والشهادة رب ڪي ايهو علم هو. تنهن قرآن سان مقابلو ڪندڙن ڪي پري ڪان پليو. قادر مطلق هنن ڪي ميدان تي اچڻ ئي ڪونه ڏنون. چوڏهن سو سالن ۾ ڪو مقابلي جي هام ئي هٽي نه سگهيو. رب جي پاڪ ڪلام سان ڪافر جي ناپاڪ ۽ مردار وڦل جو مقابلو ته چا تو ٿي سگهي. ايها ڳالهه ته مسلم آهي. پر حيرت انهي جي آهي ته رب پنهنجي ڪلام جي باالمقابل ڪنهن به ڪافر ڪي باوجود شديد عداوت ۽ زبردست ڪوشش جي همت ئي نه ڏني. ڪو ستيوئي ڪونه.

رب تون بيشڪ ڏاڍو بادشاهه آهين. تون بيشڪ قادر ۽ قدير آهين. جو ڪجهه چاهين سو ڪري سگهين ٿو. اسان جي اکين جو نار. اسان جي هنيين جو هار. اسان جي جيءَ جو جيار. اسان جو هوت حبيب. آئون سندس پاڪ نالي تان سو سو ڀيرا صدقي ٿيان. افصح العرب والعجم آهي. سندس پاڪ ۽ مبارڪ حديثن

---

(١) رڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهون انگشت بدندان ٿي رهيا آهن. (ساڳي سورت آيت چوٿين) ۽ انهيءَ ڏينهن زمين خبرون ٻڌائيندي) (ساڳي سورت آيت پنجين) ڇوته رب جو هنڪي اهڙو حڪم هوندو. ريڊيو ۽ ٽيلويزن جو ڪاٺ لوهه ۽ بجلي زمين جي پيداوار انهن مان نڪرندڙ آواز کي زمين جو آواز چئي سگهجي ٿو. پر اڃان ترقي ٿيندي ۽ صرف هڪ ڪلي ڪوڙڻ سان زمين منجهان خبرون ٻڌڻ ۾ اينديون. (سورت عاديات پارو ٽيهون آيت پهرين) تمام تيز ڊوڙندڙ شيون يعني آواز کان به تيز جنگي هوائي جهاز. (ساڳي سورت آيت ٻي) ۽ باه اوڳاريندڙ شيون يعني ائٽم يا ٻين قسمن قسم بمن سان ملڪ کي نذرآتش ڪندڙ (ساڳي سورت آيت ٽين چوٿين پنجين) صبح وقت غارت ڪندڙ پوءِ (پوءِ بم ڪيرائي زبردست) مٽي اڏائيندڙ ۽ (دشمن جي) فوجن ۾ ڪاهي پوندڙ. (ساڳي سورت آيت ڇهين) انسان پنهنجي رب جو ناشڪرو آهي. رب سان سرڪش هوندو. گويا هنن کي ايها عظيم سزا ناشڪري ۽ سرڪشي سبب ملندي. (ساڳي سورت آيت ستين) انسان انهيءَ ڳالهه تي پاڻ شاهد هوندو. يعني تسليم ڪندو ته ايها تباهي سندس عملن جي شامت آندي آهي. جيئن مختلف عرب رياستن ۽ مشرقي پاڪستان جي مسلمانن جي ڪميونزم ۽ سوشلزم جي الحاد سبب سزا طور قادر قدير رب اسرائيلين ۽ پارتين جي هٿان خوب طرح سان ٽڪ ڪٽائي رهيو آهي. گونا گون ذلت آميز عذابن پوڳڻ کان پوءِ هو واقعي گواهي ڏئي رهيا آهن ته سندن مصيبتون الحاد جو لازمي نتيجو آهي ۽ انهيءَ گواهي سان گڏ اگرچه سست رفتاري سان پر هو پير پير تي ڏئي پاڪ دين ڏانهن واپس اچي رهيا آهن. اڄڪلهه ايها ڳالهه پري نظر نٿي اچي ته شايد ايهي عرب ۽ بنگالي سچا مسلمان ٿي پون. (سورت علق آيت چوٿين) انسان کي قلم ساز (مختلف درس گاهن ذريعي) اوهي ڳالهيون سيڪاريون (سائنس ۽ مختلف قسمن جون مشنيريون ۽ آلات جنگ ناهڻ جو هنر) جيڪي اڳي هن نٿي ڄاتيون ظاهر آهي ته انسان اڄ سائنس جي جنهن بلند مقام تي پهتو آهي انهيءَ جو اڳ هنکي خواب ۽ خيال به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ هو. (سورت انشقاق آيت پهرين) اوهانَ ترقي جي درجن (استيجن) تي جيئن پوءِ تيئن مٿي چڙهندا ويندا. يعني انسان کي بتدريج سائنسي ترقي حاصل ٿيندي رهندي هن اچ جيڪي ڪمالات حاصل ڪيا آهن سي اجان دنيا جي ختم ٿيڻ تائين وڌندائي رهندا (سورت تڪوير آيت پهرين) جڏهن جو سج بي نور ٿي ويندو سائنسدانن قبول ڪيو آهي سج جو نور ويرا وير گهٽ ٿي رهيو آهي نيٺ ختم ٿي ويندو. ايها معلومات به ويهين صدي جي علمي انڪشافات مان هڪ آهي. جنهنکي قرآن پاڪ تيرهن سو سال اڳ بيان فرمايو. (ساڳي سورت آيت ٻي) ۽ تارا روشني ڇڏي ويندا. سج جي روشني ختم ٿيڻ بعد تارن جي روشني جو سوالئي نتو پيدا ٿئي. (ساڳي سورت آيت ٽي) جبلن کي سير ڪرايو (هلايو) ويندو. جبلن مان نڪتل ڪاڻن ۽ مختلف ڌاتن مان تيار ٿيل ۽ وڌائي ۾ جبلن جيڏا هوائي ۽ بحري جهاز ۽ ريل گاڏيون واقعي اچ اسين هلندي ۽ سير ڪندي ڏسون پيا. (ساڳي سورت آيت چوٿين) جڏهن جو ڏهن مهنن واريون ڏيڪيون ڏاچيون معطل ٿي وينديون. عرب ۾ وياڻون ڏيڪيون ڏاچيون نهايت قيمتي ۽ محبوب مال هو. ظاهر آهي تہ اڄڪلهہ سواري يا بار برداري جي ايجاد ٿيل نون ذريعن ڪان پوءِ اٺ گهوڙا گڏهہ ۽ خچر تقريبا بيڪار ٿي چڪا آهن ۽ اجان بہ ڪجهہ پوءِ جڏهن ڪوهستان ۽ ريگستان ۾ بہ پڪا رستا عام ٿيندا ۽ لاريون ۽ موٽرون عام جام هلڻ لڳنديون. تڏهن تہ انهن جانورن کي ڪير پڇندو بہ ڪونہ. (ساڳي سورت آيت پنجين) ۽ جڏهن جو وحشي جانور اٿاريا ويندا. يعني هنن کي لڪڻ ۽ آرام جي جاءِ نہ ملندي. اڄڪلهہ واقعي انسان ذات جي گهڻائي ۽ پوکن سبب ٻيلا وڃي ختم ٿي رهيا آهن. ۽ تمام گهڻن علائقن مان وحشي جانور ختم ٿي ويا آهن ۽ باقي رهيل جهنگلي وحشي جانورن لاءِ بہ عظيم خطرو پيدا ٿي چڪو آهي تہ هننکي پناهہ جي جاءِ نہ ملندي ۽ هنن جي نسل جي جاءِ تي هنن جا عنقا ۽ هما وانگر صرف نالا وڃي رهندا. (ساڳي سورت آيت ڇهين) ۽ جڏهن جو اخبارن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙا ڪتيل ڪافر جن معجزن ڪــي ڏسڻ ۽ جن معجزن جــون شاهديون ڏين انهن ۾ شڪ ڪو ازلي ابدي شقي ئي ڪري سگهي ٿو. انسان جي وسهڻ مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ جو انهيءَ کان وڌيڪ قوي دليل ٻيو ڪو ٿي نٿو سگهي.

اهڙا عظيم دشمن ٻه هڪ ٻه نه بلڪ هڪ لــک چوڏهن هزارن کي وڃي پهتا هئا. جن معجزا اکين سان ڏٺــا ۽ باوجود دشمني جي هنن کي مڃڻا پيا ۽ نتيجتاً هنن جي عداوت فدويت سان. مخالفت محبت سان. ڪلفت ۽ ڪدورت قربان ٿيڻ واري جذبي سان مبدل ٿي وئي. الله پنهنجي حبيب ڪــي ملائڪن جي مسلح فوج ڏئي ڇڏي جن چئن مهنن ۾ ساري روئي زمين جو فاتح بادشاهه بنائي ٿي سگهيو. پر نه رب دنيا کي ڏيکاريو ته حبيب پاڪ وٽ صرف ۽ صرف حق ۽ صداقت ۽ معجزن جي ناقابل تسخير قوت هئي- جنهن ڪارن ڪتيلن جا ڪنڌ نوايا ۽ ڪرنگها ٽوڙي وڌا. جادو جو اثر محض اکين تائين محدود هوندو آهي. نوڙي نانگ جي طرح نوڙي پئي هوندي آهي. پر سحر سبب اکيون هــنکي ســرندڙ سپ سمجهڻ لڳنديون آهن- ڪو همت ڪري هٿ وجهي وڃي ته نانگ جو نالو نڪو نيشان نوڙي جا نوڙي. اهڙي طرح سان پيا به جادو جا قسم. معجزه ۾ انهيءَ شي جي ماهيت بدلجي ٿي وڃي. مثلاً حضرت موسيٰ علىٰ نبينا و عليه الصلوٰة والسلام جي لــٺ مبارڪ واقعي جيرو جاڳندو نانگ بنجي ويئي. جنهن جادوگرن جا جڙتو ڳوراها (۱) ڳوري ڇڏيا. جادوگر جيڪي پنهنجي فن جا ملڪن ۾ مشهور هئا. انهن ڏٺو ته هي جادو جو ڪرتب ناهي. هي واقعي الله جي قدرت ۽ قوت جو مظاهرو آهي. سي پيغمبر پــاڪ جــي پيرن ۾ ڪري پيا ۽ سندس سچي نبي هئڻ جا نعرا هڻڻ لڳا. فرعون انڌو هو. هو اڃان به ڪوڙ سمجهيو. اٽلو لڳو انهن ايمان وارن کي عذاب ڏيڻ. محبوبن ڪريمن جا معجزا ڪيترا هئا ۽ ڪهڙا هئا. انهن جي اپٽار لاءِ ڪي ضخيم دفتر گهرجن. جيڪي معجزا دنيا

---

(۱) بلائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميريون مهاڻيون انهن جي هڏ چم مان قادر قدير نوريءَ جهڙي لاکيڻي لعل پيدا ڪئي. جنهن کي ڏسي ڄام تماچي خاني مان نڪري ويو. بادشاهي جا خيال ڪٿي رهيا. ويتو مهاڻن جي اڳيان گگهون ڳاڙڻ ۽ نوريءَ جي سنگ لاءِ نالا ڀرڻ ۽ سوال ڪرڻ ته نوري ڏيو نوري ڏيو. گهوڙاڙي مريو ٿو وڃان. نوريءَ جي ناز پرين نيڻن جناب تماچي صاحب کي پنهنجي محلات جون مه جبينون ۽ پري پيڪر پوچارڻيون وساري ڏنيون. مهاڻن جا پٽ ڇمي پيا. هننکي قدرت هڪ ته نوريءَ جهڙي سراپا ناز ۽ ان سان گڏ مجسم نياز نياڻي عطا ڪئي. پيو ته هننکي ڄام تماچي جهڙو ننگي ننگ پال نياڻون مرحمت فرمايو. اخلاق به اهڙي طرح سان اتفاقاً ڪنهن ماڻهون جو چگون به هوندو آهي. ڪو ماڻهون فطرتاً شريف هجي ٿو. ته ماحول جي مسموم هوا به هرويرو هنکي بگاڙي ٿي سگهي. نوشيروان کي عدل جي پٽي ڪنهن پڙهائي؟ حاتم طائي کي سخا جو سبق ڪنهن سيکاريو؟ انهي ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته چگون اخلاق به ڪنهن سياڳي ۽ خوش نصيب جي سرشت ۽ فطرت هوندو آهي. هن جي وجود مان حسن اخلاق جا ڦوهارا اڌمان ڏئي نڪرندا آهن.

الحاصل ته صورت ۽ سيرت ڏاتار جي اوها ڏات آهي جا ڪنهن عامي ماڻهون کي به مالڪالملڪ جي طرفان موهبت ٿي سگهي ٿي. توڻي جو ايهو قطعي فيصلو ڪرڻ سخت مبالغو ۽ ديده دانسته دروغ بافي ٿيندي. جيڪڏهن چئجي ته هن ڪان ڪو اڻ سهائيندڙ اخلاق يا لائون لچڻ سرزد ٿيوئي ڪونهي البته اڪثر ڪري جڏهن ڏنو ويندو آهي ته هن جا ارادتا به ۽ غير شعوري طور به واقع ٿيندڙ گهٽان لڪڻ اهڙا آهن جي لڪ ٿا لهن. ته پوءِ هن جي ٿورين ڪوتاهين ۽ ڪوڙاين (۱) کان قطع نظر ڪري هنکي وڙاتو ۽ سلڇڻون ۽ لائقن پريو ۽ لاکيڻون ۽ سنگهار ۽ ڍول ۽ رانجهن ۽ راڄ راڻون ۽ وريام ۽ سپڙ ۽ ڏاتار ۽ پيا ازين قسم لقب ڏجن ٿا. رب جي رحمت عام آهي. هو صورت ۽ سيرت جون

---

(۱) بڇڙاين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در شعر مپیچ و در فن او
زانکہ اکذب اوست احسن او

يعني شعر ۾ متان وچڙين. ڇوته شعر جيترو وڌيڪ ڪوڙو اوترو وڌيڪ سٺو. جيڪي پرهيزگار رنن ڏانهن اک کڻي به نه نهارين. اوهي به جڏهن شعر چوڻ لڳن ته رنن جي عشق جا اوهي جان سوز نعرا لڳائين ۽ اوهي اوهي هنبين ڦاتيون رڙيون ڪن جو ماڻهون پاڻئي ته همراه ساعتن گهڙين جو مهمان آهي. اجهو ٽو دم ڏي. ايها آهي مجازي حسن جي مبالغہ واري صفت ۽ خواه مخواه پيي پڌڻ. (۱) مجاز ۽ حقيقت ۾ فرق ايهو آهي ته حقيقي حسن ضياپاشي ۾ چنڊ کان في الحقيقت ۽ واقعي وڌيڪ ۽ تاباني ۽ درخشاني ۾ سج کان. سج پڇ زياده. پلا جنهن نور مان سج ۽ چنڊ کو چمڪات پني منگي هٿ ڪيو ۽ کو جلوو ان جي اڳيان جهولي پکيڙي پرايو. انهيءَ جي انهي سان ڇا نسبت ٿي سگهي ٿي. پينار جي پنج کٽي بادشاه جي پريل پاندي سان ڪٿي ٿي سينون ساهي سگهي. سيکڙو (۲) جي ڇا مجال جو پاڏڪي سپڙ (۳) سان ساريکو (۴) سمجهي. پان (۵) ۽ رائي (۶) ڪي هڪ تراڙي ۾ تورڻ ته ڪنهن ڪتاب ۾ ئي لکيل ڪونهي. محبوب ڪريم جي نور جون صفتون رکو شاعرن ڪين بيان ڪيون آهن. اصحابن سڳورن بيان ڪيون آهن. جن جي هر ڳالهه جو هڪ هڪ حرف سون تورڻ واري مراڙي ۾ تريل هوندو آهي. جو رتي جي ويهين پتي واڌي به ڪڏي پڌري ڪري ڇڏي ٿي. هنن جي تعليم ۽ تربيت ئي اهڙي هئي جو هنن جي ڪنهن به ڳالهه ڪي مبالغہ آرائي جو واءُ به لڳي نٿي سگهيو. ازانسواء هنن جا ايهي احساس ۽ اعتراف ۽ گواهيون غيرمسلم ۽ دشمن هئڻ واري وقت جا هئا. انهن احسانن ۽ اعترافن ته باوجود مخالفت جي هنن جا ڪنڌ مروٽيو پي نمايا ۽ محبوب ڪريم جي حضور ۾ منهن پر پي ڪيرايا. حضرت هوت حبيب ﷺ جو جمال جهان آرا انهيءَ حد

(۱) ڪوڙ ڳالهائڻ (۲) پينو (۳) سخي مرد (۴) برابر
(۵) پينو (۶) بادشاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پهتل هو جو مڪي شريف ۾ پاهران ايندڙ ماڻهن کي ڪافر ملاقات ڪان روڪيندا هئا. ته متان سائس ملو. هن جي من موهيندڙ صورت ۽ پيار ڀري پاٻوه (١) ۾ اهڙو سحر ۽ جادو آهي جو جيڪو وٽس وڃي ٿو سو موهت ٿيو سندس قدمن ۾ ڪريو پوي. اسين شاعرڙا پنهنجي محبوب جي حسن جي صفت جادو سان ڪندا آهيون. جتي ايها صفت ساڙ ۾ سڙندڙ سر جي دشمنن تي ڪئي. اتي حقيقت بين ۽ قدر شناس اکين جي اڳيان سونهن جو ڪو ڪاٿو (٢) ۽ حسن جي ڪا حد ۽ حساب به متصور ٿي سگهي ٿو؟ نجران ملڪ جا نصارا مباهله لاءِ مديني اچن ٿا. مقرر ميدان تي سردار شافع جهان جا ٻه ڪيل پيمان مطابق پهچي وڃن ٿا. سندن پاڪ صورت جا شعاع ۽ تجلا پسندي نصارن ۾ ترٿلو پئجي وڃي ٿو. هيڪ ٻي کي چوڻ لڳن ٿا ته جنهنکي رب ههڙو خلقيو. انهيءَ کي پڪ آهي ته برباد نه ڪندو. البته اوهان جو چٽ ٿيڻ يقيني آهي مباهلو ڪونه ڪيائون. ميدان ڇڏي ڀڄي ويا. ايها فتح پاڪ حبيب جي حسن جي هئي. ورنه معجزو ته اجان اڳتي مباهله ٿيڻ وقت ظاهر ٿيڻو هو. سندن صورت پاڪ متعلق هڪ نڪتو ناچيز راقم الحروف جي هنن پاڻن بيتڙن ۾ ملاحظه فرمائيندا.

احسن الخالقين تون آهين
جڳ جا جانب جميل تون ئاهين
عام جا محب ئاهيا تو عجيب
گل ڪان نازڪ ۽ نازنين نجيب
جوت جلوي ڪان جنجي منجهه جهان
هي متو آهي هيڏو شور فغان
پنهنجو جانب جڏهن ته جوڙيئي پاڻ
مالڪ الملڪ پنهنجي مرضي ساڻ
ڪيئن تو صنعت ۾ ڪئي ڪمي هوندي
ڪهڙي سهڻي شڪل نئي هوندي

---

(١) ڳالهه (٢) اندازو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاثير پريو ڇڏي. سندن حسن اخلاق جو لبالب پريل پيالو ٦٣ سال زبردست لوڏن لمن سان دوچار رهيو. پر ڪڏهن بہ ڇلڪيو نہ. منڪر تي ڪا مار پوي نہ مڄي تہ نہ مڄي. پر هڪڙي معقول ماڻهون کي مڄڻو ئي پوندو تہ انهيءَ پيالي کي قدرت جي انهي عظيم هٿ جي حفاظت حاصل هئي. جنهن سندن پاڪ ڪردار کي اسوه حسنہ (حسين اخلاق جو بهترين نمونو) جهڙي سارا هيل ڪوڏائي سان ڪوڏايو هو. ڪافرن ظلم کي انتها تي پهچايو. ٢٣ سال مسلسل اوهي اذيتون ڏنائون جنهن جي تصور سان ئي وار ڪانڊارجيو وڃن ٿا.

پاڻ وجود قادر هئڻ جي پنهنجو انتقام يا چمار ڪنهن کان بہ نہ ورتائون. عام ماڻهن کي آزاريندڙن چورن زانين وغيره تي شرعي حدون جاري ڪري نظام عدل قائم ڪري ملڪ ۾ مثالي امن قائم ڪيائون. پر سندن ذاتي دشمن جڏهن بہ سندن اڳيان پڪڙجي پيش ٿيو. تڏهن سندن دريائي رحمت هن تي ايهين پلٽي پيو، جو ڏوھ خطائون تہ ڪيڏانهن ويا. پر ماڳهين اوهو ڏوهاري هڪ هڪ ڏوہ جي عوض ڏہ ڏہ ڏان (١) ۽ ڏاتيون وٺي سرافراز ۽ شادڪام ٿي موٽيو.

ابو جهل بهرين ئي بدر واري حملہ ۾ بہ مصداق، خود ٿي ويو شڪار. شڪاري شڪار ۾ مردار ٿي چڪو هو. ان کان بعد مسلسل اٺ سال ابو سفيان يڪي بعد ديگري زبردست ڪاهون ڪندو ۽ جنگيون جوٽيندو رهيو. مڪي شريف جي فتح ٿيڻ واري ڏينهن قانوناً عرفاً اخلاقاً شرعاً رسمن رواجاً لازم هو تہ هو پنهنجا ڪيتا لوڙي. ۽ انن سالن ۾ سندس موافقن ۽ مخالفن جي رت مان جيڪا ريڻ (٢) وهائي هئائين. انهي خون جا جملہ متحرڪ ۽ جامد ذرات سندس تازي رت جي آميزش کان پوءِ اتي انهي سان آويزش لاءِ بيتابي سان واجهائيندا رهيا ٿي. اهڙي ۽ ايڏي عدو کي نہ فقط عفو فرمايائون. پر هنکي ظاهري اتاه انعامن کان علاوه پنهنجي سراپا رحمت نظر سان ايڏو نوازيائون ۽ علو ۽ بلندي

---

(١) انعام (٢) وڏو واه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانيل اونداهي ۾ علم جو ڪو ڪڙ ڪيٽو به ڪٿي چمڪندي نظر ٿي آيو. جنهن ڪان چئجي ته ڪنهن ماڻهون وٽي ڪو علم جي نور جو ڪو ماڪوڙي جي اک جيترو به وٽي هٿ ڪيو هوندو. اهڙي انڌ انڌوڪار ۾ الله جي رحمت جوش ۾ آئي. جنهن اڻ پڙهيل رسول ۽ نبي امي جي سينه اقدس مان تارن جي تعداد جيترا يا اڃان به وڌيڪ اهڙا سج ناسويا جن ڪائنات جون ڪل اونداهيون روشن ڪري ڇڏيون. جن دنيا جي جهل کي علم بنايو. جن نه فقط حجاز پاڪ بلڪ ساري روئي زمين کي اخلاق تهذيب تمدن انفرادي ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ جا قانون سيکاري انسانن کي درندن جانورن مان ڦيرائي انسان بنايو. سندن سينه اقدس مان مختلف علومن جا اوهي سوين چشما ڦٽي نڪتا جي اڄ تائين وڌندي وڌندي دريائن جون شڪليون اختيار ڪري چڪا آهن.

علم صرف علم نحو علم فقه علم اصول فقه علم عقائد علم حديث علم تفسير علم اخلاق علم معاني علم انشا علم منطق علم فلسفو علم رياضي علم تواريخ علم ميراث علم مناظره علم خطابت علم عبادات علم معاملات علم الاهيات علم حقائق ڪائنات علم محاربات (جنگيون) علم سياسيات علم طب علم حڪمت علم نباتات علم تصوف علم حرفت و صنعت علم تصوف و معرفت انهن اسلامي علمن مان هڪڙي علم تي تصنيف ٿيل ڪتاب گڏ ڪجن ته اٺ مس کڻي سگهي. هر علم جي هر مسئله ۽ هر قول جو ماخذ مدني محبوب ﷺ جو ڪونه ڪو ارشاد نظر ايندو.

مثال فقه کي وٺو عالمگيري فتح القدير ۽ ٻيا ڪيترا اهڙا ڪتاب آهن جو انهن مان ڪنهن هڪ ئي ڪتاب جا سڀ جلد يڪجا ڪجن ته جي ايمڙي جهڙو ڏڪل مڙس مس کڻي سگهي. انهن سڀني علمن تي لکيل سڀئي ڪتاب گڏ ڪجن ته ڪونئيون پرجن ۽ انهن علمن مان هڪ هڪ ۾ باڪمال ڪي هزارن مان هڪڙو تو پيدا ٿي. جو انهي هڪڙي علم ۾ پنهنجي عمر گهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتهائي بلنديءَ بي نهايت پاڪبزگيءَ ڪمال ءَ عروج جي چاڙهي جي آخري ڏاڪي واري عقل جي معيار تي سو فيصد پورو ثابت ٿيندو. ايهو ناممڪن آهي ته هڪ انسان سچو مذهب مرتب فرمائي جنهن جا جزئيات ءَ فروعي مسائل لکين هجن ءَ انهن لکن مان هڪ هڪ سچ وانگر چمڪندڙ ءَ ڪنهن به عيب ءَ ڪنهن به انصاف پسند عقلمند جي اعتراض کان پاڪ ءَ مبرا هجي. هڪ انسان جي پسند سڄي دنيا جي منصف مزاج ءَ عقلمند سوسائٽي جي پسند ڪيئن ٿي سگهي ٿي.

اهل اسلام جي طرفان دنيا جي دانشورن کي هميشه کان ايهو چيلنج ملندو رهيو آهي ته ثابت ڪن ته اسلام جو ڪو به هڪ حڪم يا مسئلو عقل جي خلاف ءَ بيشمار فائدن جو حامل نه آهي ءَ اڄ تائين ڪو به مخالف ايهو چيلنج قبول ڪري ڇاتي تي هٿ هڻي ميدان تي نه اچي سگهيو آهي. انساني پهچ وس قدرت ءَ طاقت کان ايها ڳالهه تمام مٿاهين آهي ته هڪ انسان، انسان ذات کي عبادات معاملات خانگي ءَ بيروني در پيش ايندڙ لکين مسئلن مان هرهڪ بابت پيش از وقت اهڙو فيصلو صادر ءَ موجود ڪري ڏي. جنهنڪي عقل ءَ فڪر جي ڪرڙ تي جيتريقدر به مليو ءَ مهٽيو وڃي. اوتريقدر وڌيڪ چمڪي ءَ جهرڪي ءَ دنيا جي ارباب دانش و بينش کي پوءِ اوهي ڪهڙي به مذهب سان تعلق رکندڙ هجن. هڪ هڪ لاءِ چيلنج ڪري سگهجي. جڏهن ته ڪنهن هڪڙي معمولي ڳالهه تي به ماڻهون ڪلاڪن جا ڪلاڪ مغز کپايو پوءِ به متفق ٿتا ٿين. ءَ جي باالاتفاق ڪنهن به مسئله بابت ڪو فيصلو صادر ڪن ته به اهو فيصلو آخري ءَ هر ڪنهن جي رائي تي سو فيصد پورو يقيناً نه هوندو آهي. ايهو اسلام جوئي شان آهي جو اسلام لکن مسئلن مان هرهڪ هرهڪ انسان جي ڪسوٽي تي بشرطيڪ اوهو انسان عقلمند ءَ منصف مزاج هجي سچو سون ثابت ٿئي ٿو. ءَ مسئلن جي ڪثرت انهي حد کي پهتل جو صرف نماز بابت هڪ عالم ڪل مسئلا ڳڏ ڪيا ته ٻه هزار ٿيا ءَ انهي ڪتاب جو نالو هن (الفين) (ٻه هزار) مقرر ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هميشہ لاءِ هجر ۽ فراق جي باھ جي حوالي ڪري هنن جي زندگي زهر بنائي اڇي، يا ڪو ٺڳ ڪنهن فريب ۽ فراڊ سان ڪنهن جو خانو خراب ڪري، هن جي عمر جي اندوخته کي برباد ڪري، هن جي اميدن تي ڪاري واري ورائي ڇڏي، يا ڪو لچ لوفر ڪنهن غريب جي لڄ لٽي اڇي ته انهيءَ قسم جا انسان نما درندا دل سان چاهين ٿا ته اسان کي انهي بهادري جا صلا ملڻ گهرجن. اسان کي رات جي اوجاڳن جا اجورا حاصل ٿيڻ کپن. اسان کي ٺڳي جهڙي عقلمندي ۽ ڌاڙي تي دنيا وارن کان خراج تحسين ملڻ گهرجي. اسانجي بهادري شجاعت همت عقل تي دنيا کي واه واه جون صدائون بلند ڪرڻ گهرجن. ملڪ ۾ اسانجوئي چرچو هجي. صدر مملڪت پنهنجي هٿ ۽ زبان سان اسان جن اهڙن عجائب افعالن جي عزت افزائي ڪري اسانکي انعامون ڏئي ۽ انهيءَ سان گڏ اسانجا اخبارن ۾ فوٽو شايع ٿين (يعني پوليس سان گڏ نہ) قومي اسيمبلي انهن ڳالهين کي ڏوه نہ بلڪ انساني عروج ۽ ڪمال جي نشان ۽ دليل هئڻ جو قانون پاس ڪري. الحاصل تہ بيچڙائي بہ هڪ مذهب آهي ۽ انهي جا پيروڪار ۽ پوئلڳ ۽ پوڄاري ابتدائي آفرينش کان ٿيندا آيا آهن ۽ اهڙا فطرتاً حرامي ماڻهون حضور شارع عليہ الصلوات والسلام جي وقت ۾ بہ هئا ۽ تمام گهڻان هئا ۽ انهن جي فطري حرامين وانگر تمام گهٽيون رڙيون ڪيون تي تہ هي ڪهڙو رڻ تو ٿئي. هي ڪهڙي آفت تي اچي. هي ڪهڙو مذهب تو پيدا ٿئي. جنهن ۾ سندن محبوب خصالتون يعني بي پهچ غريب کي مارڻ ۽ هيسائڻ ۽ ڦرڻ ۽ لٽڻ فخر ۽ عزت جي بجاءِ عظيم ڏوھ ۽ سخت سزا جي لائق گناه آهي. جنهن ۾ شراب جوا چوري ڪوڙ ٺڳي لچون لٽڻ ڦرمار قتل ۽ غارت وغيره وغيره بجائي تعريف ۽ تحسين جي ناقابل عفو جرم ۽ مستوجب عقوبت گناه آهي. جي- ايس عرف جي- ايم ايهو بلڪل غلط ٿو چوي تہ اسلام پاڪ جو بيچڙاين کي هڪدم روڪڻ ۽ چڳاين کي فوراً جاري ڪرڻ وارو انقلابي عمل اڳوڻي زمانہ جي مزاج مطابق هو ۽ هاڻوڪي زماني جي خلاف طبع آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهي. انساني عقل ڪيڏيون به گهتون ۽ گوهيون ڏي. پر نيث انهيءَ ڳالهه ڪي مجبوراً تسليم ڪندو ته اسلام پاڪ انهي الله جو موڪليل مذهب آهي جو انسانن جي ظاهري ضرورتن ۽ گهرجن جو ته دانا ۽ بينا آهي. پر انسان ذات ۽ ٻين مخلوق جي دلين جي وسوسن ۽ دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ خيالن ڪي به ڄاڻي ٻجهي ٿو. ڀلا جيڪو انهن وسوسن ۽ خيالن جو پاڻ خالق ۽ پيدا ڪندڙ آهي. اوهو انهن ڪي ڪيئن نه ڄاڻي ۽ ڄاڻڻ ڪان پوء انساني وسوسن ۽ تخيلات مان هرهڪ بابت مفصلا ۽ مُشرحا احڪامات ڪيئن نه صادر فرمائي ۽ مذهب کي هر حيثيت سان مڪمل ڪري ڇڏي. جنهن سندس محبوب ڪريم ﷺ ايهو مڪمل ۽ سدا ملوڪ ۽ سدا سهڻون ۽ سيين پرين ساراهيل ۽ هر طرح سان حمد ۽ ستايش جو مستوجب مذهب ۽ بلند ۽ بالادين متين آندو آهي. تنهنڪري اي انساني عقل ضد حسد ۽ زڏي ڇڏي سئين راهه تي اچي مچ ۽ قبول ڪر ته ايهو بيغالئه ريب برحق رسول سچو نبي ۽ ريهارو آهي رب رحمان جو. حبيب آهي هادي حنان جو. محبوب آهي مالڪ مهربان جو. انهيءَ ۾ شڪ ڪرڻ محض شقاوت. ۽ ايمان نه آڻڻ اياڳ. ۽ نه وسهڻ نحوست جي نشاني آهي. ايهين چوڻ بلڪل برحق ۽ بجا ٿيندو ته دنيا ۾ آهي ٿي هڪ مذهب اسلام ٻيو ڪل ڪوڙ. قصو ڪوتاه. جيڪڏهن ڪو چوي ته اڳيان الله سائين جا موڪليل مذهب ڀلا ڪيئن ها. ته چونداسين ته اوهي اسلام پاڪ جي ئي مواج مهراڻ جون ڇاڙون (۱) ۽ ڇيڇ (۲) آهن. اوهي ته اسلام پاڪ کان جدا ڪينهي. اوهي سڀ مذهب اسلام جي دريا مان نڪتل شاخون آهن. ۽ اوهي سڀ اڳيان پيغمبر صلوات الله عليهم اجمعن مدني محبوب جي نور مان منور ۽ سندن فيض مان تربيت يافته ۽ سندن خوان نعمت تي هم نشين همدم ۽ هم نواله آهن. جيئن ڪا هڪ پارٽي پنهنجو ڪو جلسو ڪوئائي ۽ هڪ موضوع تي هن جا مقرر ۽ ليڪچرار پهرين ننڍا پوء وڏا پوء سڀ کان وڏا نوبت به نوبت اچي ڳالهائي.

---

(۱) ننڍا واه (۲) ننڍو تلاء

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد حامد حمد خدا بس
خدا خود مدح خوان مصطفا بس.

جنهنجو مداح خود رب پاڻ، انهيءَ جي عاجز انسان ڇا ڪري سگهندو واکاڻ. خاص ڪري مون جهڙو اڄاڻ. جنهنجي علم سان نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ. جنهن ۾ علم ادب ۽ صحافت جو ذري جيترو بہ ڪونهي اهڃاڻ. اڇايل لاءِ دريا جو پيو وڃڻ اگرچہ ناممڪن ۽ محال. پر ٻاتي ڏيک ڀري ڀلي پنهنجي اڄ جي آتش اجهائي. ڀلي پنهنجي تونس ۽ اسات جهڪي ڪري. ذرو سڄ جي سڀ روشني ڪي ظاهر آهي تہ پنهنجي پيٽ ۾ سمائي نٿو سگهي. پر ڪجهہ ذرڙي چمڪاٽ سان ڀلي پنهنجا پنا چمڪائي. اهڙي طرح سان هن عاجز ۽ اڻ ڄاڻ ابراهيمڙي بہ ثنا ۽ صفت ڇاجي. محض پنهنجي عقيدت جي اظهار لاءِ ڪنهن وقت ڪي ٻاتي ٻيتڙا لکيا هئاسي پيش ڪري مضمون کي ختم ڪجي ٿو.

تنهنجي قدمن تان قربان سڄڻ
توتان صدقي منهنجي جان سڄڻ

هڪ جان سندم اي جان جهان
ڇا آهي جو گهوريان تنهنجي مٿان
توتان گهوري جانيون سارو جهان
توتان قربان ٿئي جي ڪون و مڪان
تہ بہ تنهنجو اچان وڌ شان سڄڻ

تنهنجي خاڪ قدم سڀ روئي زمين
توکي پيرين پوندل عرش برين
ٿيا نو فلڪ تنهنجي زير نگين
تنهنجي راهہ جو چاڪر روح امين
تنهنجو ساٿي خود سبحان سڄڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي عالم جو کل اتم
تنهنجي علم ۾ قطري جيئن قلزم
تنهنجي علم اڳيان ڇا لوح و قلم
توتي آهي عيان کل ڪتم عدم
توتي پڌرو کل پنهان سڄڻ

توکي رب سڏي سوغات ڏني
جيڪا تو تي گهري ات سا تہ ڏني
پر بي بہ اچان ان ذات ڏني
توکي ڏاتر هرڪا ڏات ڏني
توکي داور بخشيو دان سڄڻ

توکي آگي جا انعام ڏني
سا تہ موليٰ اپنهنجي مام ڏني
کل ڪنهنکي انهيءَجي ڪام ڏني
سڀ خلق خدا تنهنجي سام ڏني
تنهنجي جهوليءَ منجهہ جهان سڄڻ

تنهنجي جهوليءَ ۾ پئي جملہ جهان
لڏا هر دو جهان ۾ امن امان
تنهنجي سام جا ٽيڙا ياڳ سنوان
لٽا اونان ابراهيم چوان
سريو عالم اطمينان سڄڻ

هي مناجات هڪ انتهائي غم جي وقت ۾ بيساختہ چيل ۽ قلب مضطر مان اپريل آہ آهي. جيڪڏهن ڪو پڙهي تہ شايد مستجاب ٿي جاب رحمت ايزدي جو باعث ۽ ڪشف سوء يعني دفع مضرت آلام جو موجب بنجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر طرح لانجهوئـي آهيانِ پــر لچڻ منهنجا نــه ڏس
پــاڻ ڏي ڏس پنهنجا لائق ڪر اي، مالڪ مــون مٿا
واسطو توکي وجهان تــو تنهنجي رحمت جــو رحيم
آهي جــا بــي انت بيحد بــي عــدد بــي انتها
منهنجون مديون ڪيتريون پــر نيٺ تــه بــه محدود سي
تنهنجي رحمت جي ڪڏهن ڪانهي ڪٿي ڪنهن حدڪا
تنهنجي لا محدود رحمت مــوهبت ۽ مــهر ســان
ميٽ سي محدود مديون منهنجون پڻ ڪل ڪم ڪچا
مون نــه ڇڏيو مــور ڪو پنهنجو محابو تنهنجي ذر
پنهنجي هٿ سان ئي وڃايم پنهنجي عزت تــو اگيا
تنهنڪري تڪيو ڪيم تنهنجي پيــمبر پــاڪ تــي
ميــر مــرســل محب ۽ محبوب تنهنجــو مصطفيٰ
جنهنجي آمــد لاءِ ئــي ايجــاد سي عــالم ڪيئي
عرش ڪرسي اب ۽ پون جن انس سي جنهن لئي جڙيا
ان مــتــي محبوب مدني جــي محابي مونکي مــره
عفو ڪر عصيان اگلايــون ســنــدم صاحب سچــا
منهنجون بگڙيون سي بنائج بخت بــگڙيل پــڻ بناءِ
پــاڳ وارج اوت پــڻ اقبال مــونــتــي اڻ ميــا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ملڪ جو هند

سرهندي لائبريري گلزار خليل ساماڙو

ضلع ٿرپارڪر سنڌ

---

مولوي محمد صالح راهو پرنٽر پبليشر
حضرت مولانا پير محمد ابراهيم جان خليل سرهندي
جي فرمائش تي نفيس پريس ۾ ڇپائي شائع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book